# مهران

جلد ۲۴

نمبر ۴

سال ۱۹۷۵ع


سنڌ سڌار
نمبر ۹ ڪراچي جمعہ تاريخ ۲۷ مهينو سيپٽمبر ۱۸۷۸ع جلد ۱
اطلاع
اطلاع

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت وقت، سنڌي زبان ۾ جيڪي اوائلي اخبارون نڪتيون، تن ۾ هفتيوار ”سنڌ سڌار“ گهڻو مشهور آهي. هت مذڪور اخبار جي جمعي ڏينهن، تاريخ ۲۷ سيپٽمبر ۱۸۷۸ع واريءَ اشاعت جي پهرئين صفحي جو عڪس، ”مهراڻ“ جي مهربان پڙهندڙن جي ملاحظي لاءِ، شايع ڪجي ٿو.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۲۴ ] [نمبر ۴

آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر

۱۹۷۵ع

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.

ايڊيٽر: غلام محمد "گرامي"

اسسٽنٽ ايڊيٽر: "ناشاد"

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.
(پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ)

مواد موڪلڻ جي ائڊريس:

**ايڊيٽر "مهراڻ" ٽماهي**

پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد، سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس:

**مئنيجر**

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال،
پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد، سنڌ.

**قيمت: ٤-٠٠ رپيا**

ساليانو چندو ١٥-٠٠ رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro,
Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press. Hyderabad Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست

## شعر


| | |
|---|---|
| شيخ اياز | ۲ |
| تنوير عباسي | ۵ |
| امداد حسيني | ۹ |
| سحر امداد | ۲۱ |
| "تاج" بلوچ | ۲۷ |
| "سرويچ" سجاولي | ۳۲ |
| "نعيم" دريشاني | ۳۷ |
| سرو پچند ر "شاد" | ۴۱ |
| "پروانو" ڀٽي | ۴۵ |
| "نقاش" | ۴۶ |
| "ذوالفقار" راشدي | ۵۰ |
| علي محمد "خالدي" | ۵۱ |
| ڊاڪٽر اسدالله شاهہ "بيخود" حسيني | ۵۳ |
| "سليم" ڳاڙهوي | ۵۴ |
| "انور" هالائي | ۵۶ |
| "محبوب" سروري | ۵۷ |
| الهداد "عاصم" | ۵۸ |
| "نعيم" تقوي | ۵۹ |
| بهاول خان لغاري | ۶۰ |
| عبدالقيوم "صائب" | ۶۱ |
| "تاج" جويو | ۶۲ |
| "منير" سولنگي | ۶۳ |
| مير محمد پيرزادو | ۶۴ |
| "عاجز" آچڙ | ۶۵ |
| "ادل" سومرو | ۶۶ |
| نصير "شاد" مرزا | ۶۷ |
| "ڪنول" سنڌي | ۶۸ |
| "پون" سنڌي | ۶۹ |
| پريو "ساگر" | ۷۰ |
| "ساگر" سومرو | ۷۱ |
| اياز "گل" | ۷۲ |

# ١

# شعر

”شاعرن جي سڀ کان وڏيڪ شاهڪار تخليقن ۾، هڪ بلند درجي جو آدرشي پيغام هوندو آهي، مستقل عظمت واري اها شاعري آهي، جنهن ۾ اهڙن جذبن جو اظهار هوندو آهي. شاعر جو تجربو جيترو وسيع ۽ گهرو هوندو، سندس شاعريءَ جي اهميت ۽ عظمت اوترو ئي زيادهہ هوندي.

ماضيءَ جي ڪن عظيم شاعرن جي تخليقن ۾ اسان جذبن جي دولت، حقيقت ۾ عميق نظر، ماڻهن جي زندگيءَ جي اهم واقعن جي تصوير ۽ وقت جي تيز سمجهه ٻوجهه ڏسون ٿا.

اڄ مون کي ان کان وڌيڪ يقيني سچائي ٻي ڪا، ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي ته ڪنهن سماجي پيغام کان سواءِ، سماجي مسئلن کي چيڙڻ بنان، ڪنهن به نظم جي تخليق ممڪن ناهي... آءٌ اڄ عوام سان ڳالهه ڪلهي سان ملائي هلڻ جي اهم ضرورت محسوس ڪيان ٿو.“

— مرزا ترسون زاده

# شيخ اياز

## وايون

(١)

تنتر تيز آڌار-
جوين ٻني ڏينهڙا.
اڄ، رڱي وٽ هٿڙا، ناني مينديءَ ڏار-
جوين ٻني ڏينهڙا.
متان ڦُول ڇڻي وڃن، ڏِئي مُنڌ ميار-
جوين ٻني ڏينهڙا.
مُنڌ! نياڻن کينَ ٿا، ڪنهن سان ڪارا وار-
جوين ٻني ڏينهڙا.

(٢)

تولئه تاماريو کهٽو، سوهڻ منهنجو ماس،
ووه، ۾ وڃ مون کي ڇڏي.
مينديءَ رتم هٿڙا، وارن ڳنديم واس،
ووه، ۾ وڃ مون کي ڇڏي.
اڱڻ سُرها ڏيئڙا سڌماتو آڪاس،
ووه، ۾ وڃ مون کي ڇڏي.
ڳل ڳلن سان لائيام، سُواس ملائي سُواس،
ووه، ۾ وڃ مون کي ڇڏي.
تو ڇو ٻاتا ڳيڙولان، لاهي لوڪ لباس،
ووه، ۾ وڃ مون کي ڇڏي.

(٣)

ڪارو ڪمڙبندي، هو ساموندي جهي،
ماڪ نه موٽي آئيا!
سڙهه نه آيا سير مان، سرتيون سڄ چڙهي،
ماڪ نه موٽي آئيا!

لنگر ناڙيون سڀ وَيا، ونجارا واهي،
ماڳ نہ موٽي آئيا!
جن جي هولڊ هراس آ، ڇيتين ڇولين کهي،
ماڳ نہ موٽي آئيا!
جن جون ڳالهيون ڳائيون، پينڊ! بندر تهي،
ماڳ نہ موٽي آئيا!
مائٽ اوتيو مائٽيون، تن کي ماريندي،
ماڳ نہ موٽي آئيا!

( ٤ )

مان کيڏانهن؟ مان کيڏانهن؟
آرهڙ پنڌ اڳي کان اوکو، آءٌ ويان جيڏانهن!
مان کيڏانهن؟ مان کيڏانهن؟
کيڏي لنبي واٽ وڃي ٿي منهنجي سڄي ڏانهن!
مان کيڏانهن؟ مان کيڏانهن؟
آءٌ، وڇين جي ويل، نگاهون لهندي پاڇي ڏانهن!
مان کيڏانهن؟ مان کيڏانهن؟

( ٥ )

جت ٻـ ڪُٽي وڪڙي، سو ڏونگر جو ڏاڪو،
متان هينئون هارئين!
جيسين روهہ ريون ٿئي، تي ڏَر ۾ ڏاڪو،
متان هينئون هارئين!
چوڪي ٿو هُو چوٽين، تي لُڙ لُڙ لياڪو،
متان هينئون هارئين!
شال لـ ڏسان ڏينهڙو، جو وس چڙي واکو،
متان هينئون هارئين!

( ٦ )

اونداهي اڌ رات ـ
ڏونگر مٿان ڏيئڙا.
چڙهندي رهہ تون چوٽين، ڏک لہ منهنجي ذات.
ور سا جنهن کي پنڌ ۾، پوي ٿي پرڀات.
پر جي مارڳ ۾ مرين، ٿو بہ نہ تنهنجي مات.
جيسين آهي جندڙي، لُڙ لُڙ پُري لات.

(۷)

سائي منهنجا سُڄ جا، ٻُٽ تي ڪيو نهار!
اڪتي وڌ، وسار
منهنجو لوڙهه لَڪن ٻر!
وَر جو مارڳ ٻر مري، هيڻن لـ هنجون هار!
اڪتي وڌ، وسار
منهنجو لوڙهه لَڪن ٻر!
تون ئي منهنجو آجهو، آيري ڏولڪر ڏار!
اڪتي وڌ، وسار
منهنجو لوڙهه لَڪن ٻر!
آءُ بـ تو ۾ آهڙان، تو ۾ ٻهچان ٻار!
اڪتي وڌ، وسار
منهنجو لوڙهه لَڪن ٻر!

(۸)

ڏونگر ڏولاوا گهڻا، ٻـو بـ اهائي واٽ،
متان موٽو سائيوا
ور ور ٻيرا ٻنڌ ۾، لڙيا منجهه لُڙات،
متان موٽو سائيوا
ڪٿهه ۾ ڪاريون چوليون، ڳڳهه، هوا کهوکهات،
متان موٽو سائيوا
آيري ايندو اوچتو، جرڪي ٻوالدي جاٽ،
آهه اِهائي واٽ،
متان موٽو سائيوا

(۹)

هٿين، ٻيرين، مونڙين، ڪاهيو تنهنجي ڪَڏ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!
ڏينهون ٻـوءِ ٻَري وَئين، ڏوران ڏيئي ڏڏ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!
ورچي موٽان ماڳ ڪان، ايءُ نـ منهنجي آڏ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!
چوڌاري تو تون چڪين، کهڙا منهنجا وَڏ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!

وهندي رهندي، وهندي رهندي، سون ورن سنڌو
سون ورن سنڌو.

ويرون اينديون، ويرون وينديون،
اٿو ۾ ٻـ آهـنـدي رهندي، سون ورن سنڌو.

تنن تنن انـدر اونهي ٿيندي،
جنن جنن ٻاهر لهندي رهندي، سون ورن سنڌو.

سُور نـ پنهنجو ماڳ مٽيندي،
ساگـــر اور آٻهـنـدي رهندي، سون ورن سنڌو.

چوه چيڻ تان چڱندو رهندو،
کهندي، کهندي، کهندي رهندي، سون ورن سنڌو.

سـنـڌ سُڪاري سـايا ٿيندي،
سُهـنا سُهـنا وهـنـدي رهندي، سون ورن سنڌو.



# تنوير عباسي

## ڏيڙو

(١)
اونداهي ۽ سانت ـ
بن ڳالهين ۾ ٿي ملي،
هينئڙي کي ايڪانت.

(٢)
جرڪيو اهڙيءَ ريت ـ
اونده ۾ جڻ ڪا ڪنول،
منهنجو روشن گيت.

(٣)
واچ ٿي لوڏي وڻ ـ
جهولن ٽاريون خوب ٽيون،
ٽپڪي جا انب چڻ.

(٤)
هوربان وهندڙ واهه ـ
پاڻيءَ تان پاڇا لڏن،
ترڪي وڃي نگاهه.

(٥)
رات وسي برسات ـ
وڄ جو چمڪو تنهن جو منهن،
۽ پوءِ ڪاري رات.

(٦)
رونبو ڪن ان ريت ـ
ماڻهو گپ ـ هاڻا مگر،
ڳائن آجرا گيت.

(٧)
وسي مسلسل سينهن ـ
سڄ رُئل آ تو جيان،
آهي رات نہ ڏينهن.

(٨)
اڄ ايئن تو مرڪيو ـ
پاري جي رات ڪُٽيي وٺي،
سڄ تڙڪو نڪتو.

---

تون ڇا آهين
تون ڇا آهين

جي تون چاهين سڀڪجهہ آهين
ڪجهہ بہ نہ چاهين
ڪجهہ بہ نہ آهين
جيڪي چاهين
سوئي آهين

هيءَ دنيا آ تنهنجي دنيا
جيئن بہ چاهين
تيئن ئي ٺاهين
توڙي ڊاهين
ٺاهين ڊاهين، ڊاهين ٺاهين
جنهن کي چاهين تنهن کي چاڙهين
جنهن کي چاهين تنهن کي لاهين
لاهين چاڙهين، چاڙهين لاهين
آهين ناهين چاهين چاهين
سڀڪجهہ آهين سڀڪجهہ آهين

# "امداد" حسيني

## ساڻيهه جو سندوم

سون کي هر ديس جي هر ويس لئي عزت آهي،
منهنجي شلوار ۽ پهراڻ به ڪو گهٽ ڪونهي؛
آءٌ هر ملڪ جي عظمت کي سڃاڻان ٿو ليڪن،
منهنجي ساڻيهه جو سنسار ۾ ڪو مٽ ڪونهي.

سون رُنو لُڙڪ ته منيءَ ۾ ملي موتي ٿيو،
سون ڏنو لهڪ ته ناريءَ تي نيڙيو ڦل ڪوني؛
نرگس و نستون و سوسن و سنبل ريحان،
مَٽُ آڏيريءَ جي گُل سان نه ڪيان گُل ڪوني.

صنف هرڪا لکيم، آزاد هجي يا پابند،
نظم بي قافيه، سانيٽ، ترائيل، غزل؛
ڳوٺ ۽ شهر رُليس، ديس ۽ پرديس رُليس،
بيت ۽ گيت ۽ وائي جو ملڻو ڪونه بدل.

پرهه جو ڳيت سون ڳاتو هيو سورج جهڙو،
سو سنگهارين جي هٿن منجهه مکڻ بڻجي ويو؛
ها انهيءَ لاڪ رتي ڳيت جو هر سُر سائين،
لوليءَ وارين جو سچو ڳُڻ ۽ لکڻ بڻجي ويو.

ريشم و اطلس و ڪمخواب هجي يا زربفت،
ڪپڙو کهڙو به هجي، تن ڍڪڻ لئي آهي؛
پوءِ ڪيڏو به هجي سُلهه مهانگو تنهن جو،
سونڙي، سوسيءَ ۽ گربيءَ جو مگر مٽ ناهي.

مئي و مينا هجي يا مَنڌُ هجي يا شربت،
سون کي سهني ڪان وڌيڪ آهه ڪُهرَ جو پاڻي؛
منهنجي اريلي زمين اهڙي لڳي ٿي وڻڪس،
لڪ ۾ لٽ پيل، نٽ ۾ سوني ڏاٽي.

مون کي هر ديس جي هر ويس لئي عزت آهي،
منهنجي شلوار ۽ ٻهراڻ ڀي ڪو گهٽ ڪونهي؛
آءٌ هر ملڪ جي عظمت کي مڃان ٿو ليڪن،
منهنجي سانيهه جو سنسار ۾ ڪو مَٽ ڪونهي.

## وايون

### (۱)

### ڇا تون پاڳل آهين؟

ٻٻرن ڪان ٿو ٻير گهُرين، ڇا تون پاڳل آهين؟
هَروڀَرو ٿو ڀيڙا ڀوڳين، جهوريءَ منجهه جهُرين!
ڇا تون پاڳل آهين؟

ٻُرن جو وڪارو آهي، ٻوءِ ڀي تون نه ڇُرين!
ڇا تون پاڳل آهين؟
ٻُورن جهڙو ٻورِ نه ڪوني، جو تون ڇِتَ چُرين!
ڇا تون پاڳل آهين؟
سُرنگ جو ڪو ڇيڙو ڪونهي، ڪهڙي پارِ پُرين!
ڇا تون پاڳل آهين؟
هرڪو هاڻ هڇيل هورن ۾، تون ڪنهن هاڻ هُرين؟
ڇا تون پاڳل آهين؟
ڏياج ري جو ڏيهه، انهيءَ ۾، سُرندي جيئن سُرين!
ڇا تون پاڳل آهين؟

### (۲)

### آءٌ اوهان جي آهيان.

ٻانڌي ڇُنبج وڃي، آءٌ اوهان جي آهيان!
عُمر ڪٽي جا ڳالهڙي، مون سا هڏ نه سَچي،
لوئي ليڙ نه لاهيان:
آءٌ اوهان جي آهيان!

ڪوٽ ڪڙا زنجير پون، ابند پس بند پڄي،
ڊينگوني ٿي ڊاهيان:
آءٌ اوهان جي آهيان!

مارُن ڪارڻ مون سيسي، سوريءَ ڏانهن سڄي،
سينو سنهري ساهيان:
آءٌ اوهان جي آهيان!

( ٣ )

## چيڪي ٿي آ منهنجي چيرَ

پير ڪڙين ۾ منهنجا پيرَ، سان اپراڏي!
پيڪي ٿي آ من جي ويٺا، چيڪي ٿي آ چيرَ،
سان اپراڏي!
لڙجي ٻڏجي ۽ مري ٿري وڃي، هيرَ جهڻ جي هيرَ،
سان اپراڏي!
سوچان ٿو هن ويرَ ملڻ لئي، آئي هوندي ڪيرَ؟
سان اپراڏي!

( ٤ )

## ڪنجو وِڪ گڏي

پوين جي لئي، پنتان رت جي ليڪ چڙي، هلندا هلجو!
اوپاري ڏي الرو اپرو، سندوءَ سيرَ سڏي،
هلندا هلجو!

پيرَ پيئون جي آهن چاهي، ڪنجو وڪ گڏي،
هلندا هلجو!
ڏر ڏُٻابو، آپ پُرابو، ڳابو واڪ وڏي،
هلندا هلجو!

مٿن مامرا جن تي جاني، ويٺا ڪينَ اڏي،
هلندا هلجو!
هلندا هلجو، هلندا هلجو، هلندا هلجو!

# بند گهٽي

(هڪ طويل نظم جو پهريون بند)

اهائي گهٽي جنهن ۾ گهر آهي هُن جو
اهائي گهٽي منهنجي ڇهري جي ربکا
اهائي گهٽي منهنجي هٿ جي لڪير آهي ٻنجي وئي
صديون کان سُهائو هو جنهن جو اڱڻ
آن اڱڻ تي
ڪڏهن ماءُ جو چنڊ ڇهرو چڙهيو
ڪڏهن پيءُ جو سجَ وانگي سدا مهربان مک مُرڪيو
ڪڏهن ٻارن پينرن جا تيزيا ٽهڪڙا
ها، انهيءَ ئي اڱڻ تي
ڪڏهن ٻڙَ جو وَڻُ هو
ڏاڪڻجي رالد هئي
مگر هڪڙي ڏينهن
واءُ اهڙو وريو
سج گرهجي ويو
چنڊ آلهي ويو
ٻڙُ پاڙن کان پٽجي ويو
تيزيل ٽهڪڙا هُن جي شعرن جي ڦاڙن پنن جان آڏامي ويا
انهيءَ گهر جا هڪ هڪ تي سارا ڪنولا ڪچي ويا
۽ هُو
گهر جي در کي ڪُليل ئي ڇڏي
سرد بيدرد چڙواڪ ٻاڳل هوائن جو پچو ڪندو
انهيءَ چنڊ ڇهري
انهيءَ سج مکڙي
جي گولا ۾ نڪري ويو

٤

مان!؟...

جيڪو هُن جي ٿي ڇهري جيان
۽ هُن جي ٿي ٻاڇي
هُن سان چنبڙيو رهيس
سو جدا ٿي ويس
(            )
هاڻ ساڳي گهٽيءَ جي مُهڙ تي بيهي
سوچيان ٿو ته: مان
ڪهر وڃان؟
ڪهڙي مُنهن سان وڃان!
متان،
آرسيون مون کي ڄاڻن سڃاڻن کان انڪار ڪن!

## چنبڙايل مرڪ

ٻل جي ٻهڙ صدين تي ٻهاري
هوندي آهي مان ڄاڻان ٿو
ڪهڙي ٻـ هُن بين قيام ڪاري
هوندي آهي مان ڄاڻان ٿو
جيندڙي ساري مَٽ ۾ واري
هوندي آهي مان ڄاڻان ٿو
ٻوه ٻس، رَت ۾ رنگ ٻرڻ لئي
جڳ ۾ پنهنجو مانُ رکڻ لئي
لُڙڪ لڪائي مان مُرڪان ٿو
ڪوئي هُن کي وڃي ٻڌائي
آئون ڏاڍي لئي ۾ آهيان!

## رُوئين

روز دُڪانَ کُلڻ سان
شوڪيس تي، آس جو ڪيرٽو
رانديڪن سان کيڏڻ چاهي
ننڍ سان کين آتارڻ چاهي
پر هو ڪيڏو ٻاڳل آهي
هن کي ڪير اهو سمجهائي:
جنهن جي مُٺ ۾ سِڪو آهي
چاٻي تنهن جي هٿ ۾ آهي
منهنجو مَن ٻہ تہ ٻاڳل آهي
آس جو ڪيرٽو ٻڪڙڻ چاهي
سامهون جيڪو ماڻهو آهي
جنهنجي هٿ ۾ ڪشڪول آهي
تنهن ۾ سوالي سِڪي ٻدران
آس جو ڪيرٽو ٻالڻ چاهي
پنهنجو خالي هٿ ڏسي
ريکائن کي ڳڻڻ لڳان ٿو
تڏهن اهو احساس ٿئي ٿو
جنهنجي مُٺ ۾ سِڪو ناهي
سو هن جڳ ۾ جاڙ جئي ٿو
ريکائن کي ڏلڏلو ٿيندو
آءٌ ڏسان ٿو

سڄي ڏينهن جو تپندڙ سورج
اکين منجهہ ٻُڏي ويو آهي
چانيءَ ۾ هالو ٻُڏي ويو آهي
تڏهين مون کي ياد اچي ٿو
گهرَ ۾ واپس ورڻو آهي
۽ گهر ڪيڏو نہ ڏور آهي!

ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳان ٿو
وهندي پيڙ ۾ ڪر ٿي ويان ٿو!

## مورو

مورو ناهي ٺورو – ڍولڻ مورو ويٺي ڏہان

ٻبل مٺي ڳاني
ٻڙہو هجين شل جاني

ٻبل مٺي جهل
حب اچي تون مل

ڪنوڻ ڪيا ڪيچ
جي منهنجي سيج

ٻبل مٺي جوت
ون تہ هيٺئين جو هوت

ٻبل مٺي جهنگ
تہ رچي ڪو رنگ

بل مٺي ريج
ڪ ڏنا ٿئي ڏيج

ٻبل مٺي گهاريون
ينڙو ڦاريون ڦاريون

ٻبل مٺي جنڊ
ون تہ چوڏهينءَ چنڊ

بل مٺي جهار
ول ٻرين تون ٻار

ڍولڻ مورو ويٺي ڏہان
راڻل مورو ويٺي ڏہان.

## نظم

مون کي معاف ڪجانءِ مسافر
جي مان توکان
مانيءَ ڏانيءَ
ٻانيءَ چانيءَ
جو نہ ٻڇيان

منهنجي ڦاٽل ساٽل جهوليءَ ۾
ماني ناهي
ڏاني آهي
منهنجي سيرون سيرون ٻڪ ۾
ٻاٽي ناهي
چاٽي آهي
مان ٻاڻ ٻکيو ۽ ٻياسو آهيان!

مون کي معاف ڪجانءِ مسافر
جي مان توکان

... ... ... ... ...

## گيت

تنهنجو منهنجو پيار آلا لا
نيري ساگر جهڙو گهرو
هردم تارون تار آلا لا
آر نه ڪوئي پار آلا لا

آءُ ونجاري تون ونجارو    تون جي لهر ته آءُ ڪنارو
وچڙي ڪوڏ ڪڏهن سڳهنداسين    هانوَ نه هيڏو هار آلا لا
آر نه ڪوئي پار آلا لا

آءُ تنهنجي مومل تون منهنجو رائو    تولئي روح وڃي وڪائو
من ۾ تنهنجي مورت آهي    لنوءُ لنوءُ منجهه لنغار آلا لا
آر نه ڪوئي پار آلا لا

●

سهڻين هار ڪري سينگار،
وه وا آئي سنڌ ملهار

هير گلن سان لهي پئي لائون
جنهن وڻ آهي جهولو پنجي
جهوليو جنهن ۾ جهلان ٿي آءُ
گل ٽڙي پيا
سرَ چڙهي پيا
تازي لائي آهه تنوار

سڪڙين سرڪي اکڙيون کوليون
جنهن جهڙالو ٿي وڃو جاني
ڪوئل مٺڙيون ٻوليون ٻوليون
بجلي چمڪي
پائل جهمڪي
ڪس ڪس ٽيٽڙا گل گلزار

هشي اکين ۾ آس اهاڻي
بادل ايندو ساڻول ايندو
باسي هشي مون باس اهاڻي
مينهن اچي ويا
رنگ رچي ويا
چنن ۾ چيرين جا چمڪار

## "روح رهاڻ" جي ٽائيٽل تان

هينئڙو لهرين وچ" آلا
سمنڊ سچو ڪارو ڀاڻي
شام لڙي ٿي سُهڻي

هين پرڪان هَن پر تائين
اوسيڙو ٿي اوسيڙو
ڪوهيڙو ٿي ڪوهيڙو

## شهر جي چوڪ تي

شهر جي چوڪ تي ڪالهه ٿي ڇيو هڪڙي ڏاهي
ڪو محبت نہ ڪري ڪوبہ لہ ڪنهن ڪي چاهي
ڀوءِ بہ امداد ڪي توسان محبت آهي

## ٻہ سٽون

وات جو هيتري ٻرسات ٻئي
ذهن جو پَتَ سُڪا پيا آهن

## غزل

ٻرين‌ء سان ٻڪي ٻہ ٻئي هئي ٻڪي — سچل جوت سُڪ تي ٻڪي ٿي ٻکي
جتي گاهہ ڳهاٽو هيو جهنگ ٻہ — اتي منهنجي پيندي ٻٺي هئي سکي
سچن آهہ ماڪيءَ ڪينان ٿي ميٺو — اهو ڪوڙ ڪونهي ڏٺو مين چکي
اوهان موڪليو جڏهن وات تان — تہ منظر رُنا هت دل تي رکي
وشال آهہ ليلاڻ آڪاس جي
نہ پچرو لہ پچري ٻہ آهي ٻکي.

## جڏهن ٻه رات ٿي

جڏهن ٻه رات ٿي تڏهن
ڪنائيندو رهيس سگر
کهڙيءَ جي ڪنهن ٻه موڙ تان
نه ڪنهن ٻه منهنجي نانءَ سان
ڪڏهن ٻه مونکي سڏ ڪيو
نه در تي ڪو ڪڙو لڳو
پڪو ته هانءُ ٿي پڪو
۽ اينئن لڳو
ٺڪر جو ٿانءُ ٿي پڪو

اکين جي ڪهڙي ڪنڊ مان
لڙيو ته چنڊ سان گڏ
ڳلن تي اڙڪ ٿي لڙيو!

## ڪافي

تون ٿي سڄڻ منهنجي سر جو سائين،
تو تان پنهنجي جندڙي گهوريان.

ساريون راتيون توکي ساريان، ڏينهن ڏکن جا ڪيئن گذاريان،
پرچي پير پرين ٿل پائين، آءُ ته توسان اندر اوريان.

پل پل تنهنجا پور پچايان، ور ور وٽ جي لاٽ وڌايان،
لينهن لڳائي شال نيائين، سيڪ سڪو ٿي ساجن سوريان.

# ڪيڏارو

اڄ وري اُتر ڪنان ڪا ڪونج ٿي ڪرڪي ٻئي
ٻاٽ آهي وات آن ۾ لات ڪا جرڪي ٻئي
روح ۾ مينديءَ رتي خوشبو وٺي آ اوتجي
لال ۽ ڪنهبي لهوءَ ۾ لات ڪا لڇندي وڃي
ڪربلا جي واقعي جا ٻار ٿي ٻچندي وڃي
ڇا ڇوان هر لفظ آهي تير ڪو منهنجي نڙيءَ مان آرپار

هيءَ اُفق تي آ شفق يا موڙ ٿو قاسم ٻڌي
هو گلابي گل ٽڙيا يا آهه لالن جو لباس
چنڊ چوڏهينءَ جو چڙهيو آ يا چڙهيو دلدل سوار
هي ستارا ڪير پانڇ هي اٿئي ابوم علي اصغر جا ٽهڪ
ٽهڪ جي گهنجي ويا هڪ هڪ ستارو ٿي ڇڪو
رات ڪارو ويس پاتو ۽ وٺي ماتم ڪندي
سڄ آيو ٻا گلابي گهاءُ آهي گهوٽ جو
ڏرتي ڏرتيءَ مٿان آهي رڳي رت جي رئي
هنج ٿا موتي چڳن ۽ مڙد ٿا پڙ ڪي پچن
جنگ جو نالو ٻڌي ڪانئر پيا ٽڙ ٽڙ ڪنبن

هـڙ مٿي پرزا ٿيڻ ابنِ عليءَ ڪان ڪو سکي
رڻ ۾ لائون لهڻ ابنِ عليءَ ڪان ڪو سکي
سر ڏئي سرهو ٿيڻ ابنِ عليءَ ڪان ڪو سکي

هيءَ آڪاٽي لکي جيڪو آهو
سر ڪري پنهنجو قلم
مس بدران رت سان ٻوڙي لکي

# سپنا ٿي ويا سچ سمورا

تنهنجا منهنجا
منهنجا تنهنجا

سپنا ٿي ويا سچ سمورا
گيت اڌورا ٿي ويا پورا

تارن والڪر سُرُ ڇيڙي هيا
مکڙين وانگر ٽهڪ ٽڙي هيا
چِلڪي هئي آ چنڊ جي ڳهاڳهر
آئلي هيو آ سڪ جو ساگر

تنهنجا منهنجا...

جنڊڙي ٿي اڄ جهومي ڳائي
سينڌ ستارن سان جرڪائي
لنوڻ لنوڻ ۾ ڪا لهر لُڏي ٿي
سون ڪان تنهنجا پار پڇي ٿي

تنهنجا منهنجا...

## ترائيل

ڪُٽي نہ آهي وات اجا
رات ڪُٽي ويئي آهي
آوچا رڪجو ڳات اجا
ڪُٽي نہ آهي وات اجا

روشن رڪجو لات اجا
ٻاڪ ڦٽي ويئي آهي
ڪُٽي نہ آهي وات اجا
رات ڪُٽي ويئي آهي

## سحر امداد

### رڇي جي ريٽا ؟

ڪالهه مون تنهنجي اڱڻ ۾
بيٺل ڪرڙ جي
ننڍي ٽاري جي ٽار تي
(جيڪا مون ڪي پنهنجي ئي ڪنهن
الڳ ٽاري همرطن جي
دعا لاءِ ڪچيل ڀانهن لڳي هئي)
پنهنجي چنيءَ مان ليڙ ڪا ٽاڙي ٻڌي هئي
جا ڳهيريو هئي
مون کي ڪونهي ياد سو
پر اهو مون سوچيو هو
سنهنجي چنيءَ جي ليڙ
(آدم وچ ۽ انت سوڌي)
ستن آسمانن تائين ويندي تانجي
يا اهائي ليڙ
ڪنهن ٽنڪي آڳهاڙي
ٻڪ وکي مٿل ٻار لاءِ ٿيندي ڪفن!

اڄ وري او پٽ ڏٺي
سهسين صدين ڪان پوءِ به خالي هئين
تنهنجي اڱڻ ۾ بيٺي آهيان
اڄ اهائي ليڙ مون لئي اجنبي آ
منهنجي چهري جا سمورا انگ رنگ

چنيءَ جي روپ ۾
ڪو نه ڄاڻان ڪير چورائي ويو!

تو نه ڇيو هو پٽ ڏٺي
ڪُنب ڪاريندو نه تنهن کي
پر او منهنجا پرين
ڪُنب ريءَ آهي ڪري پيو
منهنجي چنيءَ جو لال رنگ
چيٽ سمورا
منهنجن هٿن جي آڱرين ليڪن جيان
ٻات واڻن ۾ ڪٿي ڪر ٿي ويا
جيند جي جاتي آجاتي راهه ۾
تن کي ڳولهيندي وتان
منهنجين اکين ۾
وقت جي چڙواڪ گهوڙي جي
سُنبن جي چڏيل
ڌوڙ آ پرجي وئي!

پيٽ ڏٺي او لال لاکيڻا لطيف
تنهنجي نُبي تي
رنگا رنگ ڪاوا جڙيل
سهس ڪل پوتا ۽ ڪيڏا چيٽ چنيل
منهنجي چنيءَ جا چيٽ سپ ڪيڏانهن ويا
ڪيڏانهن ويا
ڪيڏانهن ويا!

چو نہ اج رات جو وري گڏجي
هست ۽ بود جا وهم لاهي
پاٽ راهن کي روشني بخشيون
رات جا پاپ، پچ ڪجھ ناهي
رات جا تنهنجو منهنجو گهر آهي
رات جا نينهن جو نگر آهي.

## نيريون سوچون — رڙهندڙ جيون

صدين کان
جنمن کان
منهنجي هرڪا سوچ لوچ
نانگ جان' پيئي ڏنگي
منهنجو سمورو جسم آهي نيرو نيرو
ساءُ ساهه
ساٺو وساٺو
روح وتو ڇاڻ آ
پر تڏهن بہ
زهر جي —
ڪڏهن نہ بجهندڙ پياس آ
منهنجو جيون
آڻ ڪٿندڙ واٽ تي
ڪنهن آس تي
رڙهندو وڃي
رڙهندو وڃي.

## ساوڻ، سيارو ۽ ساجن

پرسال گذاريو هئم ساوڻ
توريءَ ساجن —
هيل بہ ساوڻ گذري ويو
پر هيءُ سيارو —
توريءَ ساجن
ڪو نہ گذاريو ٿيندو مون کان!

## سرءُ جو گيت

سان ويراڳي هان
مون کان منهنجا گيت رُسي ويا آهن

پَل پَل پيڙا جي پاڇولي ۾
پر لُڙڪ رُنا هئم
پر جيڪي دُک
ناسي نيڻن منجھ سُڪي ويا
تن ئي منهنجي سوچ لوچ جي
تار تار کي زنگي چڙهيو آ

(پريت ريت جي
چاتل آڃاتل گيتن جي ڪاڻ
جندڙيءَ جو مون روهہ رُليو هو)

ڪينر جي اج تند تند
۽ تار زنگيل آ
هر ڳاتل اڻڳاتل گيت
ڳيڙو ڪفني پائي
سرءُ جي سُڪي وڻ هيٺان
مئو پيو آ
منهنجين ڪپول آڱرين مان
رت نمي پيو
رت نمي پيو
رت نمي پيو

اڌ جڳاڌ ڪان جاڳان ٿي
مان توکي راڻا
من سُرڪ ڏيان، ميڪ سُرڪ ڏيان
مان ساهن جي سُرهاڻ ڏيان
پيار ونديان
۽ تنهنجا گهايل لڙڪ اگهان
راڻا، راڻا، موتيءَ داڻا
مان ٿي جاڳان مومل ماڻا
مومل ماڻا مان ٿي جاڳان
ڏاج-ڏٺي ڌرتيءَ جا راڻا
هن ديس انوکي اربيلي جي
مان ڪاٽي الهڙ ناري هان
سون سريکي ساري هان
اوري آ، تون اوري آ
آ ڏورالهين کي ڏوري آ
مان تنهنجا گهايل لڙڪ اگهان
۽ توکي مٺڙي سُرڪ ڏيان
(لڙڪ سُرڪ جي
سُرڪ لڙڪ جي راند!)

## سنسان اڪيلين راهن تي

هن جيون جي
سُنسان، اڪيلين
راهن تي
ٻانهن کي ڦهلايو
هڪل وياڪل
بيٺي هيئڙس
ڪوئي ساٿي-
ميت نه ڪوئي
ڪوئي دوست، نه ڪو همدم
نيڻ-نهار رکو هو غم
اوچتو-
ان سنسان اڪيلائيءَ ۾
تون جو آئين
سُرڪي سُرڪي من جي سُڪڙي
ٽهڪ ڏيئي آ ٽڙي پئي
منهنجو پريتم، منهنجو ساٿي
منهنجو همدم، دوست ٻڌين تون
گيتن جا گُل گونچ ڦُلاريا
تارن پنهنجا
جُهمر پائي
جهرمير جهرمير ڏيئا ٻاريا



# وائي

جوڀن ڍڪي ڀير، الوميان:

جوڀن ڍڪي ڀير.

جيڪو اُڀندو ڪنڪر ھڻندو، ڪنھن کي روڪي ڪير، الوميان:
جوڀن ڍڪي ڀير.
ڪَس مڙيئي اٿيءِ ڪُلي ڏي، ٽَڙَڪَن ٽوڻي ڀير، الوميان:
جوڀن ڍڪي ڀير.
ساڙ سڙيو آ ڀاڙو ساڙو، پيار سان تنھن کي وير، الوميان:
جوڀن ڍڪي ڀير.
ڀيراڀُن ڀي ڪمن سڃاڻا، ڪنھنجا ھا سي ڀير، الوميان:
جوڀن ڍڪي ڀير.
جو ڪُنڌ ٽي ڀيڻي واڄائي، سو ڪيڏو آھي ڪير، الوميان:
جوڀن ڍڪي ڀير.
ڪليءَ ڪاڻ ٽي ماڪ ڀني آ، ھجي ڪُلن ڏي خير، الوميان:
جوڀن ڍڪي ڀير.
ڏَڪَڏَڪَڏَڪَڏَڪَ ساھ جو ڌڪو، ڇڪي ڪاڻي ڇير، الوميان:
جوڀن ڍڪي ڀير.
ڪَنجَ ۾ ساڳي ڀوءِ ٻڌن جي، ڏوڀيءَ ڏوڙي سير، الوميان:
جوڀن ڍڪي ڀير.

# غزل

●

ڪنھن جي ٻڌن جي سرھاڻ،
ڇا ٿا منڊيو آ ساندياڻ؟

وار ڦڪڻ جون راتيون، چھرو چوڏھينءَ چانڊاڻ.
اڄ ٿي ميٺاڻي ٻر ٿي ٿي، ڪالھ ھئي جا سون ساڻ.
ڪيئن ٿيو آ ڪنھن سان، دل منھنجي رتو ڇاڻ.
آھ ڪويءَ جو سينو، جنھن لوھر جي ساڻداڻ.
سو ٻر امان جو ٿيو، 'تاج'، مٺاڻن جنھن ڪاڻ.

---

"سرويچ" سڄاولي

## سلام سنڌ لئه لکان...

هجان ڪٿي به مان، ڀلائبو نه ديس کي،
هجان ڪٿي به مان، وساربو نه ويس کي،
وساري ڪين ٿو سگهان، ڪٿي، لٽڪي ۽ ڪيس کي،

سُرو پيا سنڌ سنڌ ۾، سدائين منهنجي سالڪيو،
هُرو پيا هنڌ هنڌ ۾، وَالله منهنجي وانگيو،
چُرو پيا نس نس ۾، سدائين سورهيه ساٿيو،

اوهين ته پيا سدا جيئو، اوهان کي خوش ڏسان،
جو دم ته ٿو جتي جيان، سو دم ته پيو اڙي ميان!
سلام سنڌ لئه لکان، ڪلام قوم لئه لکان.

اوهين ته سنڌ ديس ۾، وڌو وڌو، وِلو وِلو،
اوهين ته سنڌ ديس کي، اکين مٿي کڻو کڻو،
وطن جي حُبَ جون جڙون، هينئين اندر هڻو هڻو،

وڙهو نه پاڻ ۾ ميان! ڪيلو ۽ ڪير ڪنڌ ٿيو،
سُخن ۾ صاف سون ٿيو، چمن ۾ چار چنڊ ٿيو،
اوهين اوهان جي عزم ۾، جبل ٿيو ۽ جنڊ ٿيو،

ڏڪايو دشمنن سنديون دليون، هينئان هينئان،
جو دم ته ٿو جتي جيان، سو دم ته پيو آڙي ميان!
سلام سنڌ لئه لکان، ڪلام قوم لئه لکان.

# وائي

آئُ سنڌ جي واڳ سنڀال، او هاري!
سنڌ جي واڳ سنڀال...

هيءَ ڌرتي تنهنجي پنهنجي آهي، ٻئي جي ناهه مجال!
سنڌ جي واڳ سنڀال...

هيءَ جو وڏيرو وچ جو ويري، تنهن کي لوڪ ڏنال!
سنڌ جي واڳ سنڀال...

لوهر، واڍا، ڪنڀر، موچي، تن جو رکجان خاص خيال!
سنڌ جي واڳ سنڀال...

درزي، ڌوٻي، رازا، گاهيا، تن سان ٿيي ڪر قرب ڪمال!
سنڌ جي واڳ سنڀال...

ڏنارن ۽ ڪاڻين سان پائُن جهڙا ڪج تون پال!
سنڌ جي واڳ سنڀال...

پيار ڪجان هر پورهيت سان ۽ چورين ڦُرين جي ڇڏ چال!
سنڌ جي واڳ سنڀال...

سنڌڙيءَ جو "سرويچ" سچو تون، سنڌ جو آهين لاشڪ لال!
سنڌ جي واڳ سنڀال...

# ڪافيون

( ١ )

سهي تنهنجا ويندس، عمرا! سور سنڪا،
ڪنديس ٻَرَ تہ ڪارا، پنوهارن جا پنڪا!

ڪنواري هي ويندس، ڪهڙيون ڪنگهرن ۾،
سوڙي پل تہ ساري، وڃان سنگهرن ۾،

مگر ڳالهہ سارن، ڪريان ڪيئن؟ ڪهڻ ڪا!

ويڙهيچن جو مولڪي، نہ وسرن ٿيون واڙيون،
لڳن سارڙيـن ۾ ٿيون مـن ڪـي آماڙيون،
وجهين چـو ٿـو مونکي، اباڻـن ڪان آنڪا!

ڪڙولـن ۾ تـو جـا، ڪڙي قـيـد ڪيتري،
حـيـاونـد سارن، ڏنـارن جـي ڏيـئـڙي،
اچن جـيءَ ان جي ڪي جيڏين ري جهنڪا!

لباهـي نـيـان ننگ شـل جهانگيـن جـو،
رهـي سـهـل ثـابـت سدا سانـگيـن جـو،
لڳي شل نـہ "سرويچ" لونـي ڪي لٽ ڪا!

( ۲ )

جتن ڪان تہ مونکي، نـہ جيڏيون جهليو ڙي!
پڃان مـن پنهونءَ ڪي، وجي دوڙي دوڙي!

هـي پنپور وَرَ ري، ٻَرو بـيـشـي پانئيان،
وِسُولا لـہ پايان، ڪـنـون هـنـد ڪانئيان،
وِرهـيِ آهـي منهنجي، هـتـي دل ولـوڙي!

وهـان هـوت ڏاران، اهـو وڙ لـہ آهـي،
وجـان ڪيچ ڪاهـي، هـتـي هـاڻ چاهـي؟
تـنـي پـل تـہ چـلـڻان، چـبـر منجهہ چوڙي!

بـرهـہ بـاهـہ بـاري، وڌي بـيـقـراري،
ڏسـان جـلـد آري، لـهـي انـتـظـاري،
ڳهني ٻئي نيڙيءَ ڪـي، سندي نينهن نوڙي!

اچـي هـوت حـامـي، تـہ "سرويچ" ٿيندو،
ولـي لال نـيـنـدو ۽ گـولـي ڳـڏ بندو،
ڪندو پـاڻ سانـيـن، سـجـڻ سـان سجوڙي!

( ٣ )

ٻنهل ٻنڌ ۾ ترون ٽجڻين ٻالهن ٻيلي،
اڄان ٻيئي تو ڏي، اڪيلي اڪيلي!

لڳي لوهه ڪوسي، لڪن منجهه لتڪان،
سنڌ ٻروسي تي، ٻرن ۾ ٻئي ٻنڪان،
ڪنيو پاڻ سان ڪا نه سرتي سهيلي!

رلان راتي ۾ ٻني، سڄا ڏينهن راتيون،
جبل جي جهرين ۾ ڏيان جام جهاتيون،
ڇڏيم هوت تو لئي، حرم ۽ حويلي!

جبل جون ته جاڙون، جهلينديون نه مونکي،
هي ٻڙيون ٻرينءَ ڪان، ٻلينديون نه مونکي،
ٻيل نيش نينهن جي آءَ نڪ ۾ اڪيلي!

سفر منجهه "سرويچ"، سورهيه سپر تي،
سڄڻ جي ته ٻويان، سرّان سينڌ ٻر تي،
ٻڄي من وڃان، آن؟ اويلي سويلي!



## نعيم دريشاڻي

### نظم

هيءَ چانڊاڻ جي پاڪر جو رسيلو ۽ مست ڇهاءُ،
هيءَ رات جي راڻيءَ جو جذبن سان چور هُڳاءُ،
هيءَ تنهنجي ٻنان منهنجي جيءَ ۾ خيال،
ڇا انهن لئي اڪيلي مون کان دور-
ننڊ جي مٺڪ سمهي سگهندين تون؟

هيءَ ٻنن جا سُريلا ۽ انوکا آلاپ،
هيءَ فضائن ۾ طلسمي (اکڙين کان دور)
ٻرين جي سُس پُس،
هيءَ ذهن ۾ ڪنهن اڻ ڄاتل ديس جي،
وادين جو جمال.
ڇا انهن لئي اڪيلي مون کان دور-
ننڊ جي مٺڪ سمهي سگهندين تون؟

هيءَ واءُ تي ترندو آيو آ دور کان، ٻوٽيندي جو آواز،
پيار جي ٻيٽن جا ڪٽي ڀاڻ سان ڪيئي راز،
تنهنجي دامن ۾ لڪائي مخمور نگاهن جا سوال،
ڇا انهن لئي اڪيلي مون کان دور-
ننڊ جي مٺڪ سمهي سگهندين تون؟

تنهنجي رڳ رڳ ۾ اڪيلائي جو وهم ڇُرندو هوندو،
تنهنجي سيني ۾ تمنائن جو شهزادو ڪُرندو هوندو،
تنهنجي ذهن جي ڪوٺن ۾ ڀيو ٽڙپندو هوندو
قربت جو خيال،
ڇا انهن لئي اڪيلي مون کان دور-
ننڊ جي مٺڪ سمهي سگهندين تون؟

●

ازل کان سمي ـ
ڪوريئڙي وانگر ڄار وينو آئي،
جنهن ۾ ساري مخلوقات
بيوس مکين وانگر ڦاٿل،
تڙڦندي رهي ٿي ـ
پاڻ ڦٿڪندي رهي ٿي،
ڪنهن لازوال آزاديءَ ڪاڻ،
ازل کان انسان ـ
اشرف المخلوقات
ان ڪوشش ۾،
زمان ۽ مڪان جون حدون،
ٽاڙي ـ
لٽ نوان اسرار،
ڦولي ـ
ستارن کان اڳتي ڇا؟
زوال کان پوءِ ڇا؟
سمي ڪٿي انت؟
سوين صديون اورانگهي آيو،
ڏينهن رات،
نوان آهنگ،
نوان رستا،
هڪ اڻ ڪُٽ گولا ـ
لڳاتار آڻ ـ
لڳاتار سوڀ،
آڻ ۽ سوڀ جا اڻڪُٽ سلسلا.

●

آد جُگاد ٿئي،
جيڪڏهن خداوند تعاليٰ ـ
مون کان پڇي ها:
"توکي
ماڻهوءَ جي ويس ۾
ڌرتيءَ تي موڪليون؟"
آءٌ گهڻي ادب سان
نوڙي
ورائيانس ها:
"منهنجا سائين
اهو وڌيڪ چڱو ٿيندو
جي توهان
پاڻ وڃو"
پوءِ ڪيس
ماڻهوءَ جي روپ ۾
بيوس ڏسي
ٽهڪن تي ٽهڪ ڏيان ها ـ

●

آءٌ لامڪان،
آءٌ لازمان،
آءٌ سدا جوان.
تنهنجي مٽيءَ مان ٺهيا،
اڙي سندا
منهنجو جسم، منهنجي جان.
اکيون تنهنجون،
هٿ تنهنجا،
لڙڪ به تنهنجا،
تنهنجي منهنجي زبان.
سڌ تنهنجا،
سڌڪا تنهنجا،
واڪا منهنجا:
تنهنجا،
سارا پڻ ارمان.

چونڊي خوشبو،
گل گل تان،
کسي جوت،
تارن کان،
ٻارن جي،
مرڪ مان،
سينگارِيان،
سينڌ تنهنجي،
هيتان هُتان،
ٻيڙي گيان.
۽ سارو سمنڊ،
رب جو،
ٿلان اٿلان،
وڙيان–
ڪپ ڪنڌيون
يتي هتي
جان پرجان،
ڙي سيڙي،
ڻ ۾،
رڪنهن سنڌي؛
ا ٻران.
هڪ، سنڌ هڪ،
را سنڌي،
۽ مهراڻ.

●

.ڪيس ڪنَ
ٻُڌي
ڪيس اکيون
ڏِسي
ڪيس وات
ڳالهائي
• عطيہ، آهو ڇا آهي؟"
يدي مانسٽر."
تل ڇري، آهو تنهنجو منهنجو خدا آهي."
طيہ، منهنجي ڌيءُ جو ٽالو)

●

مان ڪوي،
زندگي ۽ موت جي
هن ٻ-واٽي تي ازل کان،
وهنو آهيان.
ڪوڙ ماڻهو:
ڪي اداس،
ڪي خموش،
ڪي ته اوچڪارون ڀريندا،
ڪي چِين ۾ مرڪندا،
زندگي جي واٽ تان،
موت واري واٽ ڏانهن،
پيا وڃن.
آءٌ وينو ٿو ڏسان–
ڪاروان در ڪاروان
مرڪندي،
مان ڪوي،
مان حيات،
آءٌ موت.

●

جيڪر آءٌ چنڊ هجان ها،
ٿدو، ساڪت، بيجان.
رکو ماٺ سڙان ها،
پنهنجو روح ٻکهاري،
گهرگهر جوت اوتيان ها،
بنان دل،
بنان دماغ،
نہ جذبا، نہ آمنگ،
نہ ناميدي، نہ ناڪامي،
نہ ابتدا، نہ انتها
هڪ رولاڪ،
فلڪ جي ٻولارن ۾ رُلان ها،
نہ ڪو دوست، نہ دشمن،
نہ ڪا ٻولي، نہ ڪو مذهب،
نہ ڪو سماج!
آءٌ جيڪر چنڊ هجان ها،
اندو، ٻوڙو، بنان زبان.

## سروپچندر "شاد"

### وايون

( ١ )

وقت جي رُخ کي جو سوڙي، قسمت اُن جي ٻانهي آهي،
قسمت اُن جي گولي آهي.

وقت کي وَس ڪري جو ڦيري، عظم جا جهنڊا ڪوڙي،
قسمت اُن جي ٻانهي آهي.

جنگ کي ڏي جو اَمرت-ڌارا، پنهنجو رت ۽ ولوڙي،
قسمت اُن جي ٻانهي آهي.

جاڳ-راڳ سان جيڪو جوڳي وقت جو طلسم توڙي،
قسمت اُن جي ٻانهي آهي.

ماڻهو پنهنجو ڀاڳ تو ڏاهي، پنهنجو ڀاڳ تو جوڙي،
قسمت اُن جي ٻانهي آهي.

وقت جي واڳ وٺي ائين هلجي، گهوٽ چڙهي جئن گهوڙي،
قسمت اُن جي ٻانهي آهي.

( ٢ )

چوڌري ۾ اڌ-رات جو،
تِرتِر ٽمڪي ڏيئڙو!

ربت اُڏي ٿي، هانءُ ڏري ٿو، سڏڪي تو سانگيڙو،
تِرتِر ٽمڪي ڏيئڙو!

راهه آڻانگي، تمر لڻ ساٿي، هاءِ اڪيلو جيئڙو،
تِرتِر ٽمڪي ڏيئڙو!

آونداهيءَ جو ڳهرو ٽوڙي، ناهي ڪرلي ليٽڙو،
ٽيرٽير ٽيڪي ڏيٽڙو!
جيئن تيز هوا ۾ پرندڙ آهي هڪڙو ڏيٽڙو!
ٽيرٽير ٽيڪي ڏيٽڙو!

## گيت

اکڙين ۾ نه ڳوڙها آڻ!
تُنهنجا ڳاهل نيڻ ڏسي ڪئي نه اُهي روئي ڏيان،
اکڙين ۾ نه ڳوڙها آڻ!

تنهنجو جوڀن، سنڌ ۾ جڻ جوت ٻري،
تنهنجو مُرڪڻ، رُت ۾ جڻ رات ٺري،
تنهنجيون ڳالهيون جڻ سُرهاڻ- ڳالهيون ڪر، اُهي جهول ڀري ڀان!
اکڙين ۾ نه ڳوڙها آڻ!

تُنهنجي مستي، واريءَ تي جڻ مور نچن،
تُنهنجي هستي، چيرين جي ڄڻ ڇن لَن ٽن،
تُنهنجيون اکڙيون پارس ڪاڻ- مون ڏي نظر ڪر، سون ٿيان!
اکڙين ۾ نه ڳوڙها آڻ!

اڄ جي دُنيا، هاڻ!- ڪالهه جڻ ڪو روڳي،
هستي حيران، مُنهن ڦيري جڻ ڪا سوڳي،
ڪال آيو ڪي آيو چاڻ- ڪيل، ته ٻَل لڏ ڪيلي وڃان!
اکڙين ۾ نه ڳوڙها آڻ!

ڪيل ته خوش ٿيان، باغن ۾ جڻ گل ٽڙن،
مُرڪ ته مُرڪان، سُڪڙين تي جڻ پونئر پرن،
جي جي، جاني! موجون ماڻ- تُنهنجي صدقي اُهي جيئان!
اکڙين ۾ نه ڳوڙها آڻ!

# غزل

●

ساوڻ جي رُت جو آئي،
آڪلي پيا سڀ پيهر ڦٽ.

مينهن - ڦڙيون ڪن ڇم ڇم ڇم، پيون وڄائي جهڙ ٽڪٽڪ.
ٻوڏ منجهان ٿي ڍُرڪي ڍيل، مور ٻينو آ ٺاهيو ڇٽ.
سونهن به آهي ساماڻي، نيڪري پيو آ نينهن لِڪٽ.
پيل چُني، ڪنڌجرو ڪَنيل، ڪين نه ٿي پوءِ چيت چؤهٽ.
وٽ نه ڪنهن جو آهي يار، آذري وينڊو هي پوپٽ.
سپني جي هڪڙي منزل، صرف جُدا هي ڪهيڙ ۽ ڪهٽ.
چوڌاري آهي چانڊاڻ، من جون اکيون سورڪ! پٽ.
اصليت کي تون سار ’سروپ‘، پنهنجو ويس ۽ ديس نه ستّ.

●

ڏاڻ ڏس آ، وڇوڻ واٽ،
ڳيرونن جا اوچا ڳاٽ.

جن کي سوداءِ سوڀ جو، تن، ڇا روڪيندا ڪَن - ڪڙڪاٽ.
جن جي همٿ - تربن تي مير، تن لئه وِک وِک آهي واٽ.
ڪنهن ڪُولتر جو ڪنڌ ڪِريو؟ چڻني پاسي آ چَمڪاٽ.
ميرو آهي جن جو من، تن لئه جيون ڪاري پاٽ.
جن جي چيت ۾ چاندوڪي، تن لئه جيون پرندڙ لاٽ.
جيون آ انمول سحل، وقت هٿي ٿو جنهن کي ڪاٽ.
ساوڻ رُت ۾ رِم جهم سينهن، هيج - هندورو ٻنيو ڏاٽ.
مُلهه تي وڪجي مٽي، ڪلال، مُنهنجي آ انمول آسات.

## وڄندڙ چنگ

آءٌ آهيان هڪ چنگ!

مون کي ڪير وڄائي ٿو،
آءٌ نٿو ڪجهه به ڄاڻان؛
منهنجو ڪم آ رُڳو وڄڻ،
الهيءَ ڪري ٿو آءٌ وڄان.

مُنهنجا مِٺڙا مِٺڙا سُرَ،
راڳا جو جڻ سَهڄ سڀاءُ؛
گُلڙن کي ٺڦڪي ڏيندڙ،
جڻ آ جهيڻو جهيڻو واءُ.

سُر ۾ مُنهنجو ساهه سمايل،
ايئن مکڻ جيئن کير ۾ آ؛
يا بجلي آ پاڻي ۾،
يا اک ۾ جئن آهه ڪجل.

مُنهنجا آهن ڪيئي روپ،
مون کي پنهنجو آ سنگيت؛
هَٿي پرائي جا نه ٿئي،
مون وٽ اهڙي آهي پريت.

نفرت کي ماري، مُنهنجي،
پريت ٿي اينءَ چمڪائي دل؛
مينهن-ڦُڙيون ٿيون پَنَ پَنَ کي،
ڌوئي بڻائين جئن نيرمل.

مون کي هيڪر، تون سائين،
پنهنجن چپَن تي جوڙي ڏس؛
ڪينءَ نه وڻان ٿو توکي پوءِ،
پاڻ کي مون تان گهوري ڏس.

## رستي جو پٿر

هي آ رستي جو پٿر،
ڪو به هن جو ماڳ ناهه؛
دربدر جون ٺوڪرون،
سَهڻ هن جو ڀاڳ آهه.

جنهن به ماڻهوءَ کي نه آهه،
پنهنجي منزل جي خبر؛
۽ پتو ڪو ماڳ جو،
سو آ رستي جو پٿر.

اهڙو ماڻهو هَرَ گهڙي،
دربدر آ، خوار آ؛
زندگي بيڪار هُن جي،
پاڻ تي هُو بار آ.

ناهي هُن کي ڪو قرار،
ڀاڳ هُن کان آ رُٺل؛
جنهن نه پَرکيو پاڻ کي،
سو آ جيئري ئي مُئل.
هي آ رستي جو پٿر!
هي آ رستي جو پٿر!

# ”پروانو“ پنڻي

## اگر وقت آيو

(آزاد نظم)

هماليه جبل جيئن مان خاموش،
سارو تماشو ڏسان پيو.

ڏسان پيو ته
ڪمزور ڏاڍن اڳيان،
ڪيئن نه مجبور آهن!

ڏسان پيو ته
ڏاڍائي، بي ٻهچ هيٺين ڪي
ماري وجهي ٿي، ھو مسرور آهن!

ڏسان پيو ته
ٿورن ٿي پنهن جي خاطر،
ڪمائيون سر راهه وڪرو ٿين پيون!

ڏسان پيو ته بک جي ڪري ڪن غريبن
جون نياڻيون سر راهه وڪرو ٿين پيون!

منهنجي دل جوالامکي
آهي پيارا!
اگر ڦاٽي پئي ته
ھو تنهنجي هن هٿ جي ٺاهيل،
اصولن کي ساڙي ڇڏيندي،
۽ ساري ڇڏيندي.
آثاري ڇڏيندي،
آهي نبل، ڪمزور ۽ هيٺا ماڻهو،
سدائين توهان جن کي آهي ستايو—
اگر وقت آيو:
ته ھو ھُو توهان سان ٻه
اهڙوئي هلندا،
اسان جهڙا هن سان پريا پير هوندا.
—۽ هاڻي، گهڙي سا
پري ڪين آهي!

---

## "ذوالفقار" راشدي

### غـزل

سوچيان ٿو تہ مَري جي ويندس، سون تي رُنندو ڪيرُ،
منهنجا پنهنجا اڳي مري ويا، باقي ٻيڪو غيرُ.

منهنجي ٻُڏيءَ تي ڪوئي ڏيئو ٻاري يا نہ ٻاري،
مُئي پڄاڻان ڪهڙي ڳڻتي، سانجهي آ ڪ سوير؟

انجاتو آ پنڌ، الائي ڪٿي وڃي ٿئي ڇيهہ،
پوپان ايندڙ لهي نہ سگهندو تنهنجو منهنجو پيرُ،

موت انجاڻان ڇا هي، پاڻي، باهہ جو ڪو پيٽ،
آيا لَهي لپيٽ ۾ جيڪي، ٿيا خاڪ جو ڍيرُ.
ڪولاچيءَ جي ڪُن ۾ ڪاهي ڪوئي گهاتو گهوٽُ،
اڄ ڪر سامهن سينو ساهي، مانجهي مُڙس مٿيرُ.

جذبن جي جو ڏَهہ جهَلي سو آهي ڪو شهزور؟
احسان جي جِيبَ وَڍي سو هوندو ڪو لڪمير؟

آندرَ جي جو اڪِ ڪڍي، ڏِئي آدمن کي آرانيءِ،
هارودن کي باهہ ڏَئي پوءِ ڪونہ ٻچيو مهميرُ.
سامهن ڇاتي آهي، هڇارا، ناهي جوڙِ ڪمان،
باقي آهي ٻچيل جي تنهنجي تُرڪش ۾ ڪو تيرُ.
غيرت جهڙو، سنڌو! پيو ڪو ٿيندو دين ڌرم؟
ڏيوسيءَ جي پٽَ نہ لاهي ڪوئي پيرُ فقيرُ.
ڪوئي مانيءَ لال نہ ڳاڙي سون تي ڳوڙهن-بوندَ،
پل ڪو دودو رَتُ ڇنائي، ڌرتيءَ جو ٿئي ويرُ.
ڪهڙي ڪنبٽي آهي اجل ڪان موت تہ ايندو نيٺ،
مُڙس مٿو جي چاهي، پيارا، مري نہ شال ضميرَ!

# علي محمد خالدي (مرحوم)

## گنجو ٽڪر

سرزمين سنڌ ۾ آهي ٽڪر گنجو ٽڪر،
سوز و سڪ کان چوطرف آهي پڌر گنجو ٽڪر،
دل جليل ۽ سوخته جان و جگر گنجو ٽڪر،
وحشت و ديوانگيءَ ۾ چشم تر گنجو ٽڪر،
شمع وانگر آهي ڏسبو تا سحر گنجو ٽڪر.

نينهن ڪـي آهـي نهائينءَ ۾ پچائڻ واسطي،
دل جي ڪٿ ۽ هوڏ هستيءَ کي مٽائڻ واسطي،
ڦيٽ ۽ ميرائي من جي کي وڃائڻ واسطي،
باھ ڏيئي برھ جي "ڪُل سچ" بنائڻ واسطي،
هنـڌ آهـي هر طرح موزون تر گنجو ٽڪر.

ٿا ٿين نروار نڪريو نينهن ۾ ٺانگا جڏهن،
سنگ، سياڪا چڙيو سر ساھ جا سانگا جڏهن،
ٿا اڪين اڳيان اچن اوڙاھ تڙ تانگا جڏهن،
پار اڪريو ٿا پـون خوفائتا لانگها جڏهن،
ٿـو ٿئي تڏهين الهن جـو راهبر گنجو ٽڪر.

سـب ميسر ٿا شريعت جـا ٿين اسباب هت،
ٿا وڃن پـورا طريقت جا پڙهايا باب هت،
ٿا پـون سڌيا حقيقت جا هزارين تاب هت،
معرفت جا ٿـا ملن نسخا سوين ناياب هت،
وصل جي واديءَ جو آهي سنگ در گنجو ٽڪر.

خود لمائيءَ کان صفا انسان جي ٿو دل ڪري،
ٿو پچائي پيرت ۾ پاڪيزه آب و گِل ڪري،

# ڊاڪٽر اسدالله شاهه "بيخود" حسيني

## ڪافي

محبوب منهنجا ماهرو، مون ڪان ڇو وئين منهن مٽي.

نيڻن جي نازڪ ناز سان، مشڪي عجب انداز سان،
سينگار جي سو ساز سان، جهٽ پٽ وئين دلڙي جهٽي.

شهباز تنهنجو عشق ٿيو، ڇاڻي ڇنبن ۾ چيچ ويو،
هڪڙيئي تنهن حملي ڇڏيو، چيري ڇٽي ڦاڙي ڦٽي.

سي محفلون سي مجلسون، جن ۾ نه هئي ڪا تون ۽ مون،
افسوس! دلبر، تن سنديون، ڇا ڪان ڇڏيئي پاڙون پٽي.

آخر 'اسد' آيو اجل، مهلت ڏنئين هڪڙي نه پل،
سيتي سندم خاميون خلل، هيءَ لوڙهه شل لالڻ لٽي.



## "سليم" ڳاڙهوي

### سنڌڙي منهنجو ساهه

سنڌڙي منهنجو ساه سراسر سنڌڙي منهنجو ساهه، سنڌڙي منهنجو موهه برابر سنڌڙي منهنجو ماءُ!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

سنڌڙي منهنجي جيندڙي آهي، سنڌڙي منهنجو مَن،
سنڌڙي منهنجي رت سان رلمل، سنڌڙي منهنجو تَن،
سنڌڙي منهنجو روح بلاشڪ، سنڌڙي منهنجو راه!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

سنڌڙي منهنجي سنڌڙي سنڌڙي، سنڌڙي سنڌڙي ڳايان،
سنڌ جو عاشق، سنڌ جو طالب، سنڌ جو خادم آهيان،
چارڻ بڻجي چنگ وڄايان، سنڌڙي منهنجو چاهُ!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

ساٿي جنهن جو امرت ڌارا، فردوسي گلشن،
سونن روپن سنگن اندر مانڪ موتي آن،
هرهر هيرڪَلِي ٿي سنڌڙي، ورور تي وه واه!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

رم جهم رم جهم بادل برسن، جَل ٿَل ساوا ڪيت،
جهرجهنگ ۾ تا جهانگي ڳائن وايون، ڪافيون، بيت،
جنهن ۾ جشرا آهن سامي، شاهه، سچل هرگاه!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

سسئي سنڌڙي، سُهڻي سنڌڙي، سومل سنڌڙي مائي،
نوري سنڌڙي، مارئي سنڌڙي، سنڌڙي ڀاڳهل ڀائي،
سُونهن ۽ سڪ جو ماڳ ۽ مرڪز، مهر جو منزل گاه!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

سنڌي ٻولي ديس جي دولت، "سنڌو" سنڌ جي سينگ،
ڪاڪ ڪڪوريا سنڌڙا ماڻهو، سنڌ جي آس اُميد،
دودا، دريا خان هزارين، هوشو هر همراه!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

سنڌڙيءَ ۾ سڀ ظاهر باطن عظمت جا آثار،
سنڌڙيءَ ۾ لک سورهيه مالڪ، مانجهي مُٺيادار،
جن جي جرئت آڏو ٽيندو ڪوهه بہ آهي ڪاهه!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

سنڌڙي منهنجو ساهه سراسر، سنڌڙي منهنجي سُونهن،
سنڌڙي منهنجو عشق عقيدت، سنڌڙي ورد ورونهن،
سنڌڙيءَ کي سينگاري هردم الفت سان الله!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!

بيشڪ سنڌ صدين کان آهي قائم خوب قديم،
بيشڪ سنڌ عظيم اسان جي، بيشڪ سنڌ 'سليم'،
صانع جنهن جو ڪامل اڪمل، نہ ٻہ ٿاهي ٿاهه!
سنڌڙي مُنهنجو ساهُ!



# "انور" هالائي

## غزل

●

غيرن کي عشق ۾ نہ ڪڏهن رازدار ڪر،
وهم و گمان نہ تن جي اڳيان آشڪار ڪر.

صدما سهي سهي نہ اکيون اشڪار ڪر،
تارن سان داغ دل جا نہ هرگز شمار ڪر.

تڪميلِ عشق جي ۾ جنون اختيار ڪر،
قدر و قضا سان پنهنجي رضا همڪنار ڪر.

رهبر ڪرين تہ صرف تون گرد و غبار ڪر،
ٻي ڪنهن تي راهرو! نہ ڪڏهن انحصار ڪر.

جنهن دل کي ڀاليو مون گهڻي لاڏ ڪوڏ سان،
ڪسجي وئي سا هاڻ، نہ تون افتخار ڪر.

بختِ زبون جي ڀاڻ ڪي قابل بنائي ڏس،
سوزِ فراقِ يار ۾ دل بيقرار ڪر.

محروم نصيب، خوشين کي نہ ڀول تون،
مشڪل ۾ ياس و غم تي رکو اعتبار ڪر.

●

نہ غم ڌار آهي نہ غمخوار آهي،
حياتي بہ هاڻي رڳو ٻار آهي.

گلن سان لازم رهيو خار آهي،
نہ گل تنهنجو بلبل سدا يار آهي.

ڪو جرمِ وفا جو گنهگار آهي،
۽ ڪو بزمِ جانان جو سينگار آهي.

مان آهيان ۽ مون سان غمِ يار آهي،
نہ ڪو درميان ان جي اغيار آهي.

ڀلي رات ساري تون مهڻن سان مارج،
مون کي تنهنجي تڪرار سان پيار آهي.

نہ تو ۾ رکان ڪا بہ اميد ٻي مان،
فقط ديد لئہ دل طلبگار آهي.

هي تنهنجي اچڻ جي سعادت جي باعث،
بيابان ٿيو دل جو گلزار آهي.

غلامي قبوليسون 'انور' اوهان جي،
حقيقت جو سارو هي اظهار آهي.

# "محبوب" سروري

## غزل

جو چوڏهين ۽ جو چنڊ آهي جڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ،
جنهن ساڻ ثواب آ قرب ڪرڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ.

جنهن دل جي ڇانوَ ۾ ويهاريو، جنهن درسِ محبت سيکاريو،
جنهن ڀريس آڪاريو ڀار پٽڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ.

جنهن جي ڇهري سان آباد چمن، جنهن جي وارن سان وڻ واس وٺن،
جنهن کان ٿي سيکيو آ ڏيل ٽلڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ.

رخسار تي پيرا پونئر ڏيسن، ماڪي ۽ جون مکيون پڻ مست ٿين،
جنهن جي اکين تي حيران هرڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ.

"سهڻي" ۽ "سسئي" ڪن رشڪ سدا، "ليليٰ" ٻه ڇري، "مومل" ٻه فدا،
جنهن جا پٽريون چاهن پير چمڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ.

جنهن مونکي پنڪان سوڙي ڇڏيو، غيرن سان تعلق ٽوڙي ڇڏيو،
جنهن سيکاريو هڪ در تي جهڪڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ.

جنهن عشق جي غيرت سمجهائي، جنهن پيار سان دلڙي ڀرپائي،
جنهن جا واجب ٿيا احسان مڃڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ.

منهنجو درد اهو ۽ غم ٻه اهو، 'محبوب' مٺو، همدم ٻه اهو،
منهنجو جنهن لئه جيڻ ۽ جنهن لئه مرڻ، سو منهنجو سڄڻ، سو منهنجو سڄڻ.

---

## الهداد "عاصم"

### ڪنڪو

هي زَبرون هي ٽبرون -
هي زورآوريون!
هي ٻيڙيون هي ويڙيون -
هي ٽوڙها هي لوڙها!
آهي ونگ ٻرين ۽ هي ٻيڪڙا -
هي ڪانا ڪرائين هٿين سيڪڙا!
هي دڙڪا هي ڪُڙڪا -
۽ هيءُ چوڙ ٻنڌ!
هي اونداهيون ڪهاڻيون، هي سوڙهيون ڪڏيون -
هي ويڙا وهي ٿنڪا هي سختيون هڏيون!
هي کهنگهر -
هي ڏنگهر -
هي ڪنڌا ستا -
۽ ٻوسات ٻوسات جهڙي هوا -
ٻري ڪيو!
هٿابو!
هٿابو ٻري ڪيو -
ڪ مان ڪجهه چوان!
ڪ مان ڪجهه لکان!

### ڏنڊ پير تي

ٻوٽڙين ۾ چوڪريون،
چولڙن ۾ چوڪرا،
ڪارڙا ۽ پورڙا ۽ سانورا هي ٻارڙا
ٻارڙا ئي ٻارڙا!
ڳالهڙيون ئي ڳالهڙيون،
ٽهڪڙا ئي ٽهڪڙا،
ٻچڙن تي ٻارڙا،
ٻچڙا ئي ٻچڙا.
هن طرح هڪڙو نسل اٿلي هليو -
ڏنڊ جي پير تي.

—

مينهن آنداري لڙاٽ
ڏنڊ جو ٻاٽي وڏو
۽ ٻچڙو سوڙهو
موج مستيءَ ۾ ڪڏندو ٿو هلي منهنجو لعل
ڏنڊ جي پير تي.
"ڏنڊ پير تي جو ڪڏي، آخر ٻڏي!"

## ”نعيم“ تقوي

### گيت

گيت خوشيءَ جا ڳايون، سائي! گيت خوشيءَ جا ڳايون،
ڏولڻ آيا، اچو وڄايون دلڙين جون شرنايون.

هير نچي پئي نار البيلي جان، جڳ اندر ٻيارا،
موٽي آيا ماڳ تي سنڌڙا، جن جا مَن اجيارا،
ٻاجهاري ڪئي ٻاجهه، چپن تي آهن قرب جون وايون:
گيت خوشيءَ جا ڳايون.

آئي هوا نازڪ ڪلونتي جيان گهُلي پئي هرهر،
منهنجي سڪايل جندڙيءَ کي آرام مليو آ هيڪر،
ناز نماڻا ساهه سيباڻا آيا، جشن ملهايون:
گيت خوشيءَ جا ڳايون.

من مندر جي ويرالي ۾ مُند بهار جي آئي،
دِل جون مکڙيون ٽڙيون خوشيءَ سان ٿي وئي هستي سجائي،
قرب جا مهڪا گل ڦل ”تقوي“ سهڻن کي ٻارايون:
گيت خوشيءَ جا ڳايون.

### غـزل

جيجل! تنهنجا نيارا ٻچڙا، مرد مئير ۽ صاف سچار،
جوڌا دودا، ڳرت ۽ ڳيرو، هوشو ٻارا مئيادار.

سورهيه سوڍا تنهنجا ٻچڙا دولهه ڏولڻ جُنگ جوان،
قرب ۽ مهر وفا ۽ غيرت سان جني جو آهه وهنوار.

آڌو جن جي سج ۽ چنڊ ڪتي ۽ تارا خاڪ جيان،
هوڏ سان تنهنجي هنج ۾ پليا آهن کهڙا جلويدار.

”تقوي“ جيجل تان ٻچڙن جو تن من ڌن قربان سدا،
آهي دلين ۾ غيرت، عظمت ۽ شوڪت جي سهڻي ٻهار.

# ڀهاول خان لغاري

## ڪافيون

مدد ٿيندئي الله، آس م لاهه،
ڪاهي هل تون ڪيچ ڏي.

پنهنجي پنهل تان سٽي، پيارو ڪر نه پساهه...
پنڌ ي سندرو سڪ جو، صدقي ڪر تون ساهه...
وٺي وات ونڊر جي، ووڙج تون وٺراهه...
’ڀهاول‘ بدڪار ساں، هادي ٿيندو همراهه...

●

اڪير اندر ۾ اٿم مارن جي، وينديس ڀهنوارن پار،
وينديس ڀهنوارن پار، هتي ساريان ويٺي سنگهار.

منڊ مينهن جي موٽي آئي، ڪيا ڏڪرن ڪارونڀار،
ٿي هتن تي وٺي گلزاري، ساٿهه ۾ ٿيا سڪار.

ڪوٽن ۾ هت آهيان قيدياڻي، پيو نئرن جو آزار،
راتو ڏينهان ٿم روج ۽ راڙو، نيڻين وهايان نار.

ڪاج اسان جو ڪڙ ۽ ڪنبيون، پٽسي، ڏونرا، ليار،
ڪين پهرينديس پٽ پوشاڪون، مارو ڏيندم ميار.

ويڙهيچن کي ڏئين وساريان، جن سان ڪنيم چمار،
پلپل تن جي ياد ستائي، ڪونهي دل کي قرار.

’ڀهاول خان‘ جو پرم تون رکجان، لالڻ لڄادار،
قيد ڪٽي هن نماڻيءَ نڌر جا، سانگي ميل ستار.

عبدالقيوم "صائب"

# ڳالهه ڪندا ها ديوانا

ڪو ليڻ نشيلو هوندو هو،      ڪو انگ سجيلو هوندو هو،
ڪو حسن رسيلو هوندو هو،      ڪو پيار وسيلو هوندو هو.
هي ڳالهه ڪندا ها ديوانا!

ڪنهن پيلي پوتي پاتي هئي،      ڪنهن ميندي هٿ تي لاتي هئي،
ڪا ڦوهه جواني آتي هئي،      ڪا نار سجي مدماتي هئي،
هي ڳالهه ڪندا ها ديوانا!

ڪي وار وسيهر ٽيندا ها،      واسينگ سندا ور ٽيندا ها،
ڪي ڪاڪل ليئر ٽيندا ها،      ڪي پٽ پنيهر ٽيندا ها،
هي ڳالهه ڪندا ها ديوانا!

ڪنهن حسن تي آئي سرخي هئي،      ڪا سونهن ۾ ڏيندي مرڪي هئي،
ڪنهن تي ڪا دل سُرڪي هئي،      سوپيا تي ڪا هرڪي هئي،
هي ڳالهه ڪندا ها ديوانا!

ڪا ياد ستائڻ ايندي هئي،      ڪا زخم چڪائڻ ايندي هئي،
ڪا سور سلائڻ ايندي هئي،      ڪا پاڻ تتائڻ ايندي هئي،
هي ڳالهه ڪندا ها ديوانا!

ڪنهن ڪاڪ تي راتي ڪاهيو هو،      ڪنهن سونهن تي سينو ساهيو هو،
ڪنهن دل سان ڪنهن کي چاهيو هو،      ڪنهن ڪين ڪنهين سان راهيو هو،
هي ڳالهه ڪندا ها ديوانا!

ڪنهن هار تي هرڪي هاريو هو،      ڪنهن هار ڏئي سڀ واريو هو،
ڪنهن سوچي سمجهي ڪاريو هو،      ڪنهن سوچ سوا خود ماريو هو،
هي ڳالهه ڪندا ها ديوانا!

ڪنهن حال سڄڻ سان اوريو هو،      ڪنهن چنگ ڪٺي ڪو چوريو هو،
ڪنهن ساهه سرن تان گهوريو هو،      ڪنهن جهوناڳڙهه کي جهوريو هو،
هي ڳالهه ڪندا ها ديوانا!

# "منير" سولنگي

## غزل

●

دل لٽيندڙ قرار ڏيندو هل،
يا گهڻو انتظار ڏيندو هل.

بيقراري ۾ لطف ڪيڏو آ، ڏکپ نفرت جا بار ڏيندو هل.
مون کي توسان نباهه ڪرڻو هيو، سور صدما هزار ڏيندو هل.
منهنجي دل جي اجڙ گلستان کي، هوند هرڪا بهار ڏيندو هل.
حُسن جي دلفريب دنيا ۾، عشق کي تون وقار ڏيندو هل.
ڪنهن جي زلفن جي ڇانوَ ۾ ويهي، زندگي کي ليڪار ڏيندو هل.
غم غلط ڪر 'منير' جو سائين، مئه جا ساغر ٻه-چار ڏيندو هل.

## قطعو

ميخوار ٻيا ڏنگ ٿا لٽن، مون کي نه هڪڙي بوند ملي،
ساقي جي بخيلي يار ڏسي اڄ جام کي چڪناچور ڪيو؛
ليڪن نه ڪڏهن خلقت کان سڄڻ، اڇوت اجل سان سودو ڪري،
توسان ٻرين جي پيار ڪيو، نيروار ڪيو، ڀرپور ڪيو.

——

# مير محمد پيرزادو

## گيت

سڳنڌ هوا ۾ سالوري سهڻي ڪنهن جي سار آ؟
منهنجي ننڊ لهوڙي ويو جو،
مون ڪان دلبر ڏار آ!

تون جي ناهين سهڻا سائين، منهنجو مَن ڇڙواڳُ،
اڻين ٿو هرهنڌ ڪائي نوڪر پورهيت جو جيئڻ ڀاڳُ:
توري پيار جي راهن ۾، منهنجي جيتَ به هارَ آ،
منهنجي ننڊ نهوڙي ويو جو، مون ڪان دلبر ڏار آ.

گهرن مٿان گهنگهور گهٽا ڪي ڪنوڻ هڻي ٿي ڪاٽ،
سُهڻ تني او منهنجا سائين! هاڻ ٻوي ٿي ماٺ:
تنهنجي راهه تڪي هي تڪجي، منهنجي نيڻ-نهارَ آ،
منهنجي ننڊ نهوڙي ويو جو، مون ڪان دلبر ڏار آ.

ٻاهر ڇات ڇمر جي ڇوهي، ڪنهن لئه ٻنڌ ٻئين،
اهڙي اونده اوجهڙَ ۾ تون ڪنهن جا ڏک تڪين:
آءُ مسافر، ترس گهڙي ڪن، ڪهڙي خبرچار آ،
منهنجي ننڊ لهوڙي ويو جو، مون ڪان دلبر ڏار آ.

سيڪنهن سک جو ساهه پٽيو ۽ سارنگ آئي ساٺ سريا،
سانجهي ڇائي پوءِ به ماني مون وٽ ڏيئا ڪونه ٻريا:
ڏاڍو هاڻي سارن ٿا پيا، ٻيلي توکي ٻارَ، آ،
منهنجي ننڊ نهوڙي ويو جو، مون ڪان دلبر ڏار آ.

سڳنڌ هوا ۾ سانوري سهڻي ڪنهن جي سارَ آ؟
منهنجي ننڊ نهوڙي ويو جو،
مون ڪان دلبر ڏار آ!

# "عاجز" اُجڻ

## وائي

منهنجي ڳالهه ملي، ويندا جلي،
وڻ سيني ونڪار جا.
سرتيون سُور سُميرَ ۾ پوندا جهول جهُلي، ويندا جلي،
وڻ سيني ونڪار جا.
آڏو اوکيون چاڙهيون، ڪانهي ڪاهه ڪُلي، ويندا جلي،
وڻ سيني ونڪار جا.
هوتن ڌاران حَب ۾، پولندا نين ڇُلي، ويندا جلي،
وڻ سيني ونڪار جا.
"حُج" ته منهنجي هوت سان، هٿ هٿ ڪانڌ هلي، ويندا جلي،
وڻ سيني ونڪار جا.
ڪانڌ وٺي ٿي ڪينڪي، "عاجز" هٿ ٽلهي، ويندا جلي،
وڻ سيني ونڪار جا.

## گيت

روئي گذاريم رات، او ڏوليا! روئي گذاريم رات.
ڪل اوهان کي ڪهڙي ساجن، ڪيئن گذاري رات مون رالجهن،
ڪيئن ٿُٺي برسات، او ڏوليا!
روئي گذاريم رات.
پل پل تنهنجا سُور ستائن، کهايل دلڙي، کهايو ٿا کهائن،
ماهه لڳيم سڪرات، او ڏوليا!
روئي گذاريم رات.
تو بن دردن دل آزاري، جال اکين مان جر آهي جاري،
ڳوڙهن جي برسات، او ڏوليا!
روئي گذاريم رات.
تو بن سانول، سُڏڪي سُڏڪي، ڪين هئي "عاجز" جي هڏڪي،
ڪين هئي هيهات، او ڏوليا!
روئي گذاريم رات.

"ادل" سومرو

## غزل

زهر آ هر ڪا گهڙي،
زندگي ايڏي ڪڙي!

ماس تي ڳجهن جو مارو، رت جي بدبوء ڇڙي.
مفلسيءَ جي موت تي، ڪين آيو ڪو لڙي.
در تان ٻڪايل نينگري، تو تونگرا ڇو ٽڙي.
بک جو دوزخ تتو، مرڳ ويو سارو سڙي.

●

وقت اسان سان ويل وَهايا،
پرکياسين سڀ پنهنجا پرايا.

هيلَ ٻه هانءُ هنيلو هو پر، درد اسان جا درد وڌايا.
سوچ اندر ۾ لوچ وڌائي، ويڙهي ويا هين وهم اجايا.
رات نسوري روڳ ٿي ٻڌي، ڏينهن اسان کي ڏنگ لڳايا.
ڪنهنجي ڪک مان ريتا ڪُلڙا، ڪنهنجي ڪک مان ٿوهر ڄايا.
زهر زندگي هر ڪنهن پيتو، هڪڙا ايندا، هڪڙا آيا.
پنهنجي پنهنجي سوچ جو ڦيرو، پنهنجون ڳالهيون پنهنجا رايا.

سالن جي سڪ پَل ۾ پُرزا،
قرب ڪسارو، مصري مايا.

---

## نصير "شاد" ميرزا

### وائي

ڌرتيءَ جو ڀڳوان... آلوميان،
آهي خود انسان.
وستيءَ وارڙ جاڳو جاڳو، آڌيءَ جو آهان! آلوميان.
آهي خود انسان.
ڪارو آپ ۽ ريٽي ڌرتي، سوريءَ تي ٻلوان! آلوميان.
آهي خود انسان.
جو پي ڌرتيءَ نانءُ ڳنهي ٿو، تنهن لءِ آ زندان! آلوميان.
آهي خود انسان.

### گيت

مَن منهنجو چڙواڪ، او سائين!

جيهرٽن مان چنڊ جهاتيون پائي،
جل ٿل ڌرتي نيڻ وڇائي،
ورڪا ڳان جي جٺ ڪٽ سانول،
اهڙا پنهنجا ڀاڳ، او سائين!

من منهنجو چڙواڪ!

مَن مندر جا ديپ جلايان،
اوماسين جي آڳ اجهايان،
تارن جي سازن تي ويهي،
چيڙيو آ سون راڳ، او سائين!

من منهنجو چڙواڪ!

---

# *"كنول" سنڌي

## وايون

( ١ )

چرڻ چاڻو چڻس،
مُور نہ ماڻيو ماڻهوئين.

ڪُرڙي جيئن ڪَنڌيءَ ۾، ورهہ ٻہ اڀڏو وس:
مُور نہ ماڻيو ماڻهوئين.

وک ڪنوريون وات تي، ڳَرڌاريءَ جو ڳس،
مُور نہ ماڻيو ماڻهوئين.

جهڙي ڀيڙا ڀار ۾، اهڙو لہ ماڪيءَ رَس:
مُور نہ ماڻيو ماڻهوئين.

ڳهوريس ڳيڙوءَ ويس تان، جوڳڻ! توڪي جَسُ*:
مُور نہ ماڻيو ماڻهوئين.

( ٢ )

لهندي جي لالاڻ ۾ —
منهنجا رت - ڦُڙا.

منهنجو مڏ ٻڙاڏو ساٿوڻ، ٻن ٻن جي ٻيلاڻ ۾:
منهنجا رت - ڦُڙا.

ٽڙ ٽڙ، ٽڙ ٽڙ، جوت آجهاڻي، اک اک جي آلاڻ ۾:
منهنجا رت - ڦُڙا.

چانئي اچ گهنگهور گهٽا، من من جي مانداڻ ۾:
منهنجا رت - ڦُڙا.

چاڻ ڪيڙها ڪي ڪيت لوان، سوج سوج سهراڻ ۾:
منهنجا رت - ڦُڙا.

## "ٻون" سنڌي

### گيت

دنيا ڏوکو، دولت ڏوکو، ڏوکو آ سنسار،
هل ته هلون ٻنيءَ ٻار.

هن دنيا جو واپار ڀي ڏوکو،
وٽ ڪوڙا وهنوار ڀي ڏوکو،
ڏوکو آ جنسار، الوميان—
هل ته هلون ٻنيءَ ٻار!

هت الفت جو اقرار ڀي ڏوکو،
سانٽ مٽ ۽ يار ڀي ڏوکو،
ڏوکو هت جو پيار، الوميان—
هل ته هلون ٻنيءَ ٻار!

هن دنيا جا ساز ڀي ڏوکو،
سڙو هر آواز ڀي ڏوکو،
ڏوکو هر گفتار، الوميان—
هل ته هلون ٻنيءَ ٻار!



پريم "ساگر"


## غــزل

الهن ديوالن کسي ڇڏيو، اهي روئي ڏيندا،
جيڪو ڪجهه انهن وٽ آهي اهوئي ڏيندا.

مڪر و فريب جو من ڏيو توهان کي، دل جـي دربـاهـہ ۾ ڏوئي ڏيندا.
پيار ڏيـو پيار جي عيوض توهان کي، سڪ ۽ سچ جي سونهن سڳهوئي ڏيندا.
پريم جا 'ساگر' پريت جي پياسن کي، جيڪو انهن وٽ آهـي سڀوئي ڏيندا.

●

جڏهن پي زندگي تي عذاب بڻجي،
تڏهن تـو انهي مان انقلاب بڻجي.

آس ۽ پريت جـا تـا نـغـمـا ڇـيـڙن، جڏهن رڳ رڳ تـي رباب بڻجي.
پورهيت جـو هـر گـيـت ظـلـم لاءِ، بـاهـہ وڏي جـو تـو بـاب بڻجي.
نينهن جـي هـر گهاءَ تـي گيت لـکو، جيئن دنيا پريت جـو ڪتاب بڻجي.

●

تنهنجو سنهن گلاب او سائين،
رڳ رڳ آ رباب او سائين.

تنهنجون اکـڙيـون تنهنجا چـپـڙا، تـــو وٽ جـــام شـــراب او سائين.
آپ جــون حورون، پـونءِ جا سهڻا، تنهنجو نـــاهـــي جـــواب او سائين.
ســهـڻـن جــو اڳــوان، تــون هئين، رات ڏ ٺــو ســون خــواب او سائين.
تــون سونهن وفـا جـو شـهـزادو، مـــان محبـت جـو ڪتاب او سائين.

— —

# "ساگر" سومرو

## گيت

ھان ۾ ھيرت جي ريت وڌايون،
آءٌ تہ سانگي دور ھلون!

ھنڙي ڪوڙ گذارو ٿيندو،
ڪونہ ڪوئي سھارو ٿيندو،
ھنجي دنيا آءٌ وسايون: آءٌ تہ سانگي دور ھلون.

مَن منھنجي جو موتي آھين،
غم تو منھنجي دل جا لاھين،
گيت خوشيءَ جا ڳڏجي ڳايون: آءٌ تہ سانگي دور ھلون.

ھنڙي ڀرو ھيار تي آھي،
نينھن سندو ھيت نالو ناھي،
ھتي ھنجي اچ ھدلايون: آءٌ تہ سانگي دور ھلون.

'ساگر' سان ۽ تون آن ساحل،
ھونداسين ھس شامل شامل،
جاتي جاتيءَ سان ملايون: آءٌ تہ سانگي دور ھلون.

## غزل

●

توکي ڳولھي لڌھان ڪيئان سائين!
ھيڏو سارو آھي جھان سائين!

تون ني ڪا مھرباني ڪر سون تي، منھنجو اجڙيل آھہ آشيان سائين!
سون ليکي خون سان ڪيو ھورو، ڏس ھڙھي مُنھنجو داستان سائين!
رات جو ٿا ڏسون ھتشي توڏي، سان ۽ آپ تي ھي ڪھڪشان سائين!
ھڪ ھُجي غم تہ سان ڪريان قابو، سو ستم ڪيئن سانڍيان سائين!
سان تہ تنھنجي تو ھتري چاھيان، سون ۾ جو تو رکين گمان سائين!
ھڪ ھُجي رات جي تہ سان لوڙيان، روئي ڪيڏيون سان ڪاٽيان سائين!
وھہ وڃجو اڄي تون 'ساگر' سان، خوش نصيبن ۾ سان ٿيان سائين!

# اياز "گل"

## گيت

ڏور نه مون کان گهارِ الا!
آءُ اسان وٽِ ٻيارِ ٻُڌايون:
مائٽ ساڻ نه مارِ الا!
ڏور نه مون کان گهارِ الا.

پيار ڏي پنهنجو پنڌ پُرائو، ڪنهن جي دلڙي ڪين ڏُکايونِ،
ڪو ته تنهنجي هيت يارِ الا،
ڏور نه مون کان گهار الا!

هيڪل وياڪل، هانءُ اسان جو، جيءُ جهڙيل ٻه تنهنجون جايونِ،
ليڻ ڪٿي پل مارِ الا،
ڏور نه مون کان گهار الا!

## غزل

●

نار لشيلي، نينهن نمائو،
پل پل پيڙا پائي ويئي.

ليٽ ته اينڌو آس لڳائي، دوکن دل ريجهائي ويئي.
ڏور خزان ٻه سالونڻ سندا، ڳيچ ڳهيلي ڳائي ويئي.
هيرو جائي مَن ماندو، پنڌ سان پريائي ويئي.
سومل جهڙي محبت ماريل، رائو رات رُسائي ويئي.
روپ نگر شرمائڻ واري، 'گُل' اسان جو گهائي ويئي.

---

# ۲

# افسانا

"اهي دلگداز ۽ روح فرسا گهڙيون، جن جي ٻاٽ اونده ۾ ظلم ۽ تشدد جي ڇڙواڳ ديوَ جو وحشي هٿ، قوت ۽ طاقت جي آڙ ۾، زندگيءَ جي معصوم ۽ ڪنول جهڙين اڇين اُجرين دلين کي تيزَ ۽ ڪُٺلَ ڪان اڳ مروڙي ٿو اڇلائي، سي ڪائنات تي هڪ لرزه انگيز سڪوت طاري ڪيو ڇڏين. شاعر ۽ اديب پنهنجي غمزده خاموشيءَ ۾ غرق ٿي ٿو وڃي. مشاهدي جي اک مان وهيل ڳوڙها، قلم جي ذريعي ڪاغذ تي ڳڙي، خاموش زبان ۾ جو ڪجهه نقش ٿا ڪن، ان کي ماڻهو شعر ۽ افسانو ٿا سڏين."

-غ. م. گ

نجم عباسي

# اهي ڏينهن، اهي نينهن

"... هي آواز،
اهوئي ته آهي،
ها، اهوئي ته آهي،
منهنجي من جون تارون ڇيڙيندڙ،
منهنجي دل جي درياهه ۾ طوفان اٿاريندڙ،
پيار ۾ ٻڏل، مونکي ٻنهنجو ڪوئيندڙ،
منهنجي جيءَ جي جوت، منهنجي ساهه جو سُرندو،
منهنجي ڪنن جو ميناج، منهنجي روح جي راحت.

جنهن ڪي سوَن هزارن آوازن ۾ سڃاڻان،
۽ جتي هجي اهو آواز،
ڪَنَ پيو آواز ٻڌن ڇو ٿا!

هن جي ٽهڪڙن جون ٽلڙيون،
هن جي سرگوشين جا گنگهرو،
ڦهلائيندڙيون هيون فضا ۾،
ماڪيءَ جهڙيون مٺڙيون لهرون.

منهنجي سيني تي رکي مٿو،
هن جي مُکَ جي مکڙيءَ مان
ڦٽندڙ جهولڪار،
ڪندي هئي پيدا
اڻ پيتي جا خمار.

ان آواز ۾ ئي گونجندا هئا:
منهنجي سک جا سنيها،
منهنجي لينهن جا لغما.

پروگرام پوري ٿيڻ جو اعلان ڪري، جڏهن چنبيليءَ چيو ”الهه واهي!“ تڏهن ارباب جڻ سپني مان سجاڳ ٿيو. ان وقت هن جون لـ رڳون اڪيون آليون هيون، ۽ پورو جسم پگهر ۾ ڀُسي چڪو هوس.

هو ريڊيو بند ڪري ٿو ۽ ڪو وقت ائين ئي ويٺو رهي ٿو. هن جي من ۾ ڪاهر اچي ٿي، هو دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي ٿو:

هاڻ هوءَ پڻ ياد ڪري ٿي،
اهي ذهن، اهي نينهن،
ماضيءَ جا محبت ڀريا لمحا.

پيار جي انهن يادين کي،
سمجهي ٿي جيون جو سرمايو.
مان به ته ائين ڪريان پيو،
مان به ته ائين ڪندو آهيان.

پر هاڻي ته مرڻ تائين،
ارمان ئي ارمان رهندا،
حسرتون ئي حسرتون رهنديون،
۽ نصيب ٿينديون:

ناميديون، ارمانيون، ناڪاميون،
ٽٽل دل،
ٽٽل رهندي.

پوءِ به پراڻين يادگيرين تي راضي رهڻ،
حال ۾ ڪجهه به نه ڪرڻ،
يا ڪجهه به نه ڪري سگهڻ.
ڪوڙو آٿت،
باراتي تسلي،
زوريءَ،
خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ رهڻ جي ڪوشش،
احمقن جي جنت!
يا بيوسيءَ جي انتها!

# ۳

## مقالا

'ادب' جي نظريي کي جامع نموني ۾ سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته انسان جي ٻوليءَ بابت ڪن عام حقيقتن جو اپياس ڪجي. سڀ کان اول اهو ياد رکڻ گهرجي ته انساني ٻولي ڀ هڪ سماجي پيداوار آهي. علم لسان جي ماهرن ۾، انساني ٻوليءَ جي وجود ۾ اچڻ ۽ ان جي ارتقا جي سببن متعلق فلسفيانه دليلن ۽ تجربن بابت ڪئي ڪيترا ئي اختلاف هجن، پر انهن مان سڀ کان اهم سبب، جنهن تي سمورا ماهر يڪراءِ ۽ متفق آهن، هي آهي ته 'جڏهن انسان ۾ پنهنجن ذات-ڀاين، يعني انسانن کي اطلاع ڏيڻ يا خبر پهچائڻ، يا خبر وٺڻ جي خواهش پيدا ٿي، تڏهن ئي خبر پهچائڻ جو اهو ذريعو يعني انساني ٻولي وجود ۾ آئي.'

ٻولي محض ڪن شين جي خاصيتن بيان ڪرڻ يا سندن باهمي لاڳاپن ظاهر ڪرڻ جو ذريعو نه آهي: ٻولي هڪ اهڙو اوزار آهي، جنهن کي زندگيءَ خاص انهيءَ مقصد سان وجود ۾ آندو آهي، ته ان جي مدد سان انسان اهڙن ٻين شخصن جو پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائي، جيڪي 'ڪل انساني ماحول' جي ڪن تفصيلي مقصدن ۽ مخصوص عملي نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ باهمي ۽ مشترڪ ڪوشش ۾ مصروف آهن.' —اي. ڪي. بروهي

سيد حسام الدين راشدي

# اصفهان نصف جهان ۽ سدم سنڌ سونهاري

اين خط جا دهاکہ بصحرا نوشته اند
ياران رفته با قلمِ پا نوشته اند

ايران ۽ سنڌ جو تعلق ايامن کان هڪٻئي سان رهيو آهي، تاريخ جي ڪتابن ۾ جڏهن "ولايت" جو لفظ اچي ٿو ته ان مان مراد ايران ئي آهي. انهيءَ ولايت ۽ پنهنجي ديسين جي باهمي سٻنڌ جون قديم ترين نشانيون ۽ آهڃاڻ "موهن جي دڙي" کان وٺي "تخت جمشيد" جي پٿرن تائين محفوظ ۽ موجود آهن. اهڙيءَ ريت سنڌ جي تاريخي شهرن ۾ پڻ ايران جي آبادن جا نشان ۽ پتا اڄ تائين انهيءَ تعلق جو اظهار ڪندا رهن ٿا. ويجهي تاريخ ۾ ٺٽي ۾ شيرازين جو محلو، سبزوارين جو محلو، مشهدين جو پاڙو، مغلواڙو، انهيءَ آمدورفت جي سلسلي جون نشانيون آهن.

عالم هجي، اديب هجي، شاعر هجي يا مولوي ۽ مدرس، جڏهن به ڪو صاحب، ايران مان نڪتو تنهن پهريون اچي سنڌ جو سلام ڪيو. ڪن هتي رهڻ ۾ سعادت سمجهي، ته ڪو هندستان هليو ويو. جن جا هت پساهه پورا ٿيا انهن مان ڪيترن جون قبرون سنڌ جي پراڻن ۽ مکيه شهرن ۾ موجود آهن، مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۾ ايران جي تقريباً هر معروف شهر جا مکين مدفون آهن، جن جي ڪتبن مان معلوم ٿئي ٿو ته هي تبريزي هو، هي مرحوم شيراز مان آيو، هي لاهيجاني هو ته هي ڪاشاني يا سبزواري غريب الوطن هو.

اڳئين زماني ۾ اصفهان ۽ شيراز ايران جا به مکيه علمي، تمدني ۽ سياسي مرڪز هئا. انهن ٻنهي شهرن جا ڪيترائي اديب، عالم ۽ شاعر هتي آيا، جن سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو.

هڪ لڳا ايران جي گاديءَ جو هنڌ اصفهان ٿيو ۽ تڏهن کان "نصف جهان" سڏجڻ لڳو. انهيءَ سمي ۾ سنڌ سان اصفهان جو سنڌ وسنئون سياسي ۽ علمي تعلق وڌيو. ڪيترا شاعر ۽ اديب سنڌ اندر پهتا، جن مان ڪن شاعرن جا نالا پاڻ کي ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جهڙوڪ: جودت اصفهاني، امتيازخان خالص اصفهاني، صالح اصفهاني، امتياز اصفهاني، صدر اصفهاني، شڪيبي اصفهاني، عاشق صفاهاني، مشرب صفاهاني، مير معز صفاهاني، مقبل اصفهاني، مهدي اصفهاني، وحشت اصفهاني،

جي:

تاريخ معصوميءَ جي مصنف، بکر ۽ سکر جي خونخوار، ظالم ۽ جابر حاڪم ۽ حڪمران، سلطان محمود بکريءَ جي گهراڻي جو مذڪور ۽ سندس ظالمانه طبيعت جو بيان ڪندي ابن ڏاڏن جي اصلوڪي وطن بابت لکيو آهي:

”و محل سکونت اجداد او موضع ”خراسان“ بوده، و اصل ايشان از ”ملوڪ چين“ من اعمال دارالسلطنت اصفهان بود“(۱).

انهيءَ عبارت ۾ خراسان، ملوڪ چين ۽ اصفهان جو نالو ۽ جغرافيائي فاصلن ۽ تضاد جو مسئلو مدت کان منجهائيندڙ هو. ليڪن مضمون ۾ گهرو وڃي انهيءَ عبارت کي اڄ سوڌو ڪنهن ڪونه پروڙيو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ تضاد ڏانهن يا ته ڪنهن جو ڌيان نه ويو يا مرڳوئي انهن اڄاترو — جيئن پنهنجي عادت اٿون — اک ترڪائيندا اڳتي هليا ويا آهن، اها خبر ڪنهن کان لڌي ته:

ڪاڏي منهه مريم جو، ڪٿي تندو الهيارا

ڪٿي خراسان، ڪاڏي اصفهان ۽ ڪٿي رهيا ملوڪ چين؟ — جڏهن وري تاريخ معصوميءَ جو سنڌي ترجمو ٿيو تنهن وقت به چڙو مک مٿان مک ماري وئي، بلڪ هڪ وک وڌائي مرڳو غلط عبارت جو ترجمو به غلط ڪيو ويو:

”سندس وڏا خراسان ۾ رهندڙ هئا ۽ سندس بنياد چين جي بادشاهن سان ملي ٿو، جو اصفهان جي شهنشاهت جو هڪ پرڳڻو هو“(۲).

گويا اصفهان جي شهنشاهت ايران جي بادشاهت کان الڳ شئي هئي، ۽ چين جو ملڪ انهيءَ ولايت جو هڪ پرڳڻو هو، ۽ خراسان ڳوٺ هو جتان جا رهاڪو سلطان محمود جا ابا ڏاڏا هئا.

* * *

ٻه سال اڳ ايران جي عالمي ڪانفرنس ۾ پڙهڻ لاءِ مون ”سلطان محمود ۽ شاهه طهماسپ جي باهمي تعلقات“ تي هڪ مقالو لکيو. مقالو لکندي جڏهن انهيءَ عبارت تي پهتس ان وقت ڪن ڪڙا ٿيا. خراسان؟ اصفهان جي بادشاهت؟ چين جا مُلوڪ؟ ٻئي ڏينهن مٿي ۾ ڀڻڀڻاٽ رهي، نيٺ ڪتابن جا ورق ورائيندي هن نتيجي تي پهتس ته مير معصوم عبارت غلط ڪانه لکي هوندي، ڇاڪاڻ ته پاڻ ڪي ٻه ٽي ڏينهن اصفهان ۾ رهي چڪو هو، انهيءَ عبارت ۾ ضرور ڪاتبن پنهنجي ڪرامت ڏيکاري هوندي، جنهن عبارت کي هن شعر جي مصداق بنائي ڇڏيو آهي:

(۱) تاريخ معصومي ۲۱۸ (۲) سنڌي ترجمو ۲۵۸



(1) ډاکټر لطف الله هنرفر



(2) پل الله وردي خان زاینده رود تي



(3) اصفهان – پل الله وردي خان



(4) جي – پل شهرستان



(5) جي- زنده رود جي شاخ، جنهن تي پل شهرستان آهي



(6) جي- شهر جو نظارو، سنڌ جهڙا اوڏڪا ڪوٽ



(7) جي - المسترشد باالله جي گنبد جو قديم حصو



(8) جي - گنبد المسترشد باالله



(9) جي- المسترشد باالله جو مقبرو



(10) جي- دروازو ۽ ڪتبو المسترشد باالله



(11) اصفهان- منڌ جي ڇاپن جهڙيون ميريون ۽ جاڙا



(12) جي- ڪوٽ



(13) جي- جاين جي ساخت (سنڌ جهڙي)



(14) جي- مقبري جي ديوار (سنڌ جي جاين جهڙيون ونگون)



(15) ڳڙهي ياسين - سنڌ جي حاويلن جي ساخت



(16) ڳڙهي ياسين - اصفهان ۾ جي جي قديم جاين وانگر جارا، سيريون ۽ جوڙجڪ



(17) ڳڙهي ياسين - اصفهان ۽ سنڌ جي حاويلن ۽ ديوارن جي ساخت ساڳي آهي



**(18)** ڳڙهي ياسين - سنڌ جي حاويلن جي ساخت



(19) ڳڙهي ياسين – سنڌ جي جاين جي ساخت ۽ ميري



(20) ڳڙهي ياسين – عمارت جي ميري ۽ ديوار



(21) ڳڙهي ياسين - جاين ۾ جارا ۽ ميربون



(22) اصفهان- مسجد علي ۽ هارون ولايت جي گهٽي



(23) اصفهان– مسجد علي ۽ هارون ولايت جا داخلي دروازا آمهون سامهون



(24) اصفهان – مسجد علي– منارو



(25) اصفهان - مسجد علي ۽ منارو



(26) اصفهان - گنبد هارون ولايت ۽ منارو مسجد علي



(27) اصفهان۔ هارون ولايت



(28) اصفهان۔ هارون ولايت جي داخلي دروازي جي آرايش



(29) اصفهان– هارون ولایت



(30) اصفهان- هارون ولايت جي پيش طاق جي آرايش ۽ ڪتبا (٩١٨ھ) بيت جو ڪتبو پڻ ظاهر آهي



(31) اصفهان ـ داخلي دروازو هارون ولايت



(32) اصفهان- هارون ولايت جي مقبري جي مقرنس جي چٽسالي



(33) اصفهان- مسجد عليء جو مشرقي محراب
نندي ۽ وڏي محراب جي وچ تي ڪتبو لڳل آهي



(3t) اصفهان- مسجد علي جو مشرقي محراب ۽ مير معصوم جو ڪتبو



(35) اصفهان — مسجد عليءَ جو محراب



ڊاڪٽر غلام علي الانا

# سنڌي ادب جا نوان موڙ

١- سنڌو ماٿري جاگرافيائي قدامت توڙي تهذيب ۽ تمدن جي لحاظ کان بين الاقوامي حيثيت جي مالڪ آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ سنڌو ماٿريءَ جي ڪيترن ئي مسئلن جي حل ڳولي لهڻ ۾ مدد ڪئي آهي. هن قديم تهذيب جي کوٽائيءَ مان لڌل مهرن ۽ انهن تي نشانين ۽ شڪلين جي صورت ۾ لکيل ٻوليءَ مان اهو ثابت ٿيو آهي ته آرين جي اچڻ کان اڳ هن قديم تهذيب جا رهواسي ڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، ۽ هو اها ٻولي لکي به سگهندا هئا. ليڪن اهو هڪ راز هو ته آخر اها ٻولي ڪهڙي هئي، ڪهڙي خاندان مان هئي، موجوده ٻوليءَ سان ان قديم ٻوليءَ جي ڪا نسبت آهي يا نه؟ تازو هن قديم تهذيب جي قديم ٻوليءَ جي رازسلجهڻ جا آثار نمودار ٿيا آهن. روس ۽ اسڪنڊينيويا جي ماهرن ڪمپيوٽرن ذريعي هن قديم لکت کي پڙهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. هنن هن راءِ جا آهن ته موهن جي دڙي واري ٻولي دراوڙي ٻولين جي بڻ بنياد جي حيثيت ٿي رکي.¹ انهن ڪن لفظن جون پڙهڻيون به ڏنيون آهن. جيڪڏهن انهن ماهرن جي اها راءِ درست آهي ته پوءِ موهن جي دڙي واريءَ سنڌ جي ٻوليءَ ۽ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي وچ ۾ مٽي-مائٽيءَ جي لاڳاپي متعلق کوجنا جي ضرورت آهي؛ بلڪ دراوڙي ٻولين، موهن جي دڙي واريءَ ٻوليءَ ۽ جديد سنڌيءَ تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇوته موهن جي دڙي واريءَ انهيءَ قديم ٻوليءَ جا ڪيترائي آثار ديسي آوازن، لفظن ۽ صرفين جي صورت ۾، روزمره واريءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ به موجود آهن.

٢- سنڌ جي هڪ ٻئي قديم آثار، ڀنڀور جي کوٽائيءَ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪيو آهي. ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان لڌل ٺڪرن تي لکيل اکر اٺين صدي عيسويءَ جي آڳاٽي-ناگري (Proto-Nagari) نمونې جا آهن. ڀنڀور مان لڌل ٺڪرن تي لکيل اکرن، انهن ماڻهن جي ان دعوا کي رد ڪيو آهي، جن لکيو هو ته سنڌي ٻولي ٻارهين صدي عيسويءَ ڌاري موجوده صورت ورتي آهي. انهن ٺڪرن سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ اسلام جي آمد (٧١٢ع) کان به اڳ جي روزمره واريءَ ۽ واپاري ڏي-وٺ واري ٻولي ثابت ڪيو آهي.

جهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد يا سنڌي ٻوليءَ جي قدامت لاءِ ڪا پختي راءِ ڏيڻي نٿي سگهجي، ساڳيءَ طرح اهو چوڻ به مشڪل آهي ته سنڌي ادب جا آڳاٽا آهڃاڻ ڪڏهن کان ملن ٿا. عرب سياحن جي سفرنامن مان ظاهر آهي ته عربن جي سنڌ ۾ آمد (٧١٢ع) کان اڳ سنڌ

مايہ ناز اديب محقق ۽ مفڪر مولانا غلام محمد گرامي پنهنجي بيباڪ قلم سان فرمايو: ”سفر يورپ جي ڊائري جناب قاضي عبدالمجيد صاحب ’عابد‘ جي معلومات افزا ۽ بصيرت افروز مشاهدن ۽ تجربن تي مشتمل نهايت رنگين ۽ دلڪش، دلنشين ۽ طرب انگيز تحرير آهي، جا پنهنجي انفراديت ۽ افاديت جي لحاظ سان سنڌي ادب ۾ قدر لائق اضافو آهي. اڄڪلهہ اهڙو سهل ممتنع نثر ڪو ڏڏو ٻاڏو اديب لکي سگهي ٿو. قاضي صاحب جي لکڻي ۽ طرز تحرير هڪ طرف

شستہ ۽ شائستہ، سهڻي ۽ سولي، روان ۽ دوان آهي تہ ٻئي خيال کان رنگين ۽ سادہ بہ آهي. افسوس اهو آهي تہ ان فن جي تحصيل ۽ تڪميل ڏانهن اڄڪلهہ جي اديبن ۽ فاضلن جو توجهہ آهي ئي ڪونہ، پر لائق تعريف آهي قاضي صاحب، جنهن پنهنجي سياسي ۽ سماجي، انتظامي ۽ معاشرتي خدمتن سان گڏ ”فن ۽ زبان“ جي خدمت جو اهڙو پختو ۽ استادانہ سليقو ۽ اسلوب ورهين کان ٻئي سانڍيو آهي، اميد تہ ”سفر يورپ جي ڊائري“ سنڌي ادب سان وابستہ نوجوان طبقي لاءِ حيرت ۽ عبرت جو رنگين نقش ثابت ٿيندي.“

مولانا گرامي صاحب جهڙي عالم، استاد فن ۽ مستند اديب جا اهي اقوال زرين، مون هيچمدان لاءِ وڏو انعام آهن، جن کي آءٌ زندگي ڀر پنهنجي سيني سان سانڍي رکندس.

گــر قبول افتد زهي عز و شرف.

(ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي شڪريي سان).



پر اڄ اهڙو ڪو به ادارو اسان وٽ موجود ڪونهي، جتي اسان جي ڪلاسيڪي، علائقائي (سُرن واري موسيقي) ۽ لوڪ گيتن جي تعليم ۽ تربيت جو انتظام هجي. اهي پراڻا ادارا، جيڪي جاگيرداري دؤر ۾ سرپرست مائهن جي صورت ۾ هوندا هئا، سي هينئر موجود ڪونهن. انهيءَ ڪري اسان جي موسيقيءَ کي ڏينهون ڏينهن نقصان پهچي رهيو آهي. ڳائڻا ختم ٿيندا پيا وڃن ۽ وڏن ڳائڻن جي جاءِ پرڻ وارا ۽ انهن جي مقابلي جا ڳائڻا پيدا نٿا ٿين. اسان کي انهيءَ معاملي ۾ غور ڪرڻو آهي، ۽ ڪو اهڙو ادارو قائم ڪرڻو آهي، جيڪو نون ڳائڻن ۽ ساز وڄائيندڙن جي تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪري اسان جي موسيقيءَ جي آئيندي کي روشن ڪري سگهي.



سيد بچل شاهه

# مغل شهنشاهن جو روزانو دستورالعمل

## صاحب قران ثاني شاهجهان جو روزانو دستورالعمل

آگري، دهلي، لاهور ۽ فتحپور سڪريءَ جون شان شوڪت واريون، نفيس ۽ عاليشان عمارتون ڏسي ڪيترن ئي ماڻهن جي دلين ۾ هي خيال ايندو هوندو ته انهن آسمان سان ڳالهين ڪندڙ عمارتن جا ٺهرائيندڙ ضرور عيش پرستيءَ جا پتلا ۽ آرام طلبيءَ جا بندا هوندا. اهوئي سبب آهي جو ايلفنسٽن، لين پول ۽ ارسڪين پارن نهايت ديده دليريءَ سان مغل شهنشاهن جي عيش پرستيءَ جي هٿراد و ٺهيل واقعن سان تاريخ کي ويهي ڇٽيو آهي، مگر تاريخ ۽ واقعا ان جي خلاف پڪاري پڪاري شاهدي ڏيئي رهيا آهن.

انهن عمارتن جو ڳپل حصو جيئن ته صاحب قرآن ثاني شاهجهان غازيءَ جو ٺهرايل آهي، انهيءَ ڪري سڀ کان پهريائين انهيءَ جو روزانو دستورالعمل پيش ڪري ٻڌائجي ٿو ته هو ڏينهن ۽ رات جي چوويهن ڪلاڪن ۾ ڇا ڪندو هو.

**(۱) صبح جي عبادت:** شاهجهان سج اڀرڻ کان چار گهڙيون اڳي آرام سان اٿندو هو. ضروري حاجت کان فارغ ٿي غسل ڪندو هو ۽ پوءِ تهجد جي نماز ادا ڪندو هو. ان کان پوءِ قبلي طرف منهن ڪري ويهندو هو، ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت ۾ مشغول ٿيندو هو. سنت ادا ڪرڻ کان پوءِ محلات جي مسجد ۾ جماعت سان گڏ نماز ادا ڪندو هو. ان کان پوءِ ورد ۽ وظيفن ۾ مشغول ٿيندو هو. ملا عبدالحميد لاهوري مصنف ”پادشاه نامه“ لکي ٿو ته:

”پيش از بام داد بدون ساعت نجومي از خوابِ عبادت انتساب درآمده بوضو مي پردازند، در آغاز صبح صادق سنت موکده گذارده تا رسيدن هنگام مستحب صلواة فرض رو به قبله مرادات در کمال تخشع و استکانت نشسته به اوارد ادعيه مشغول مي شوند. پس ازان فرض را به خلوصِ نيت و حضور قلب و تعديل ارکان در نهايت تضرع و ابتهال ادا نموده به وظائف مقرره مي پردازند.“
پادشاه نامه جلد اول صفحه ۱۴۴، مطبوعه کلکته).

انهيءَ باري ۾ اورنگزيب عالمگير جو بيان به پڙهجي. هي مٿين ڳالهين کي اڃا به وڌيڪ ظاهر ٿو ڪري:



بون (اولهه جرمني) ۾ ”سوهن جي ڌرتي جي شام“ ۾ پروفيسر ڊاڪٽر انيمري شمل سنڌي موسيقارن ۽ فنڪارن جو تعارف ڪرائي رهي آهي.

# ترڪ عالمن جو وفد حيدرآباد ۾



کاٻي ڪان ساڄي:
(۱) مسٽر جمال رند (۲) ترڪ مهمان (۳) پروفيسر محمد صالح راھو (۴) جناب حيدرعلي وفد جو اڳواڻ (۵) جناب محمد حسن پنو (٦) ترڪ مهمان (۷) مسٽر ظھور انصاري [ ٻي قطار] (۸) مسٽر محمد اسحاق ابڙو (۹) مسٽر غلام رسول چنه (۱۰) مسٽر محمد خان راھو (۱۱) ڊاڪٽر محمد صالح شاھ (۱۲) مسٽر امداد حسيني (۱۳) مسٽر جلال الدين خواجه ۽ ٻيا.

ترڪ عالم ۽ تعليمدان حيدرآباد جي تعليمدانن، عالمن ۽ اديبن سان




کابي کان ساڄي:
(۱) پروفيسر محمد الياس ابڙو سنڌ يونيورسٽي (۲) مسٽر اڪرم انصاري ڊائريڪٽر تعليم (۳) مسٽر مراد علي نظاماڻي ڊائريڪٽر تعليم (۴) مسٽر غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ (۵) مسٽر محمد ابراهيم جويو ميمبر ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ (٦) ترڪ مهمان (۷) مسٽر غلام حسين جعفري پرنسپال پبلڪ اسڪول (۸) مسٽر محمد حسن پنهور ڊپٽي سيڪريٽري وزارت تعليم (۹) ترڪ مهمان (۱۰) مسٽر ٽالپر (۱۱) مسز شمس عباسي ڊائريڪٽر ڪريڪيولم بيورو (۱۲) جناب حاجي خان خواجه صاحب چيئرمن بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن (۱۳) جناب حيدرعلي وفد جو اڳواڻ (۱۴) پروفيسر محمد صالح راهو چيئرمن ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ (۱۵) مسٽر محمد اسحاق ابڙو سيڪريٽري ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ (۱٦) هڪ اخباري نمائندو.

# ترڪيءَ جي عالمن ۽ تعليمي ماهرن جي حيدرآباد ۾ آمد

ڊسمبر ١٩٧٥ع جي ڏهين تاريخ ترڪيءَ جي عالمن ۽ تعليمي ماهرن جو ٽن ڄڻن تي مشتمل هڪ وفد وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان جي ڊپٽي سيڪريٽري جناب محمد حسن پٺي سان گڏ حيدرآباد جي دوري تي آيو. وفد جي اڳواڻ جناب حيدرعلي، جيڪو ترڪيءَ جي حڪومت ۾ وزارت تعليم ۾ سيڪنڊ سيڪريٽري آهي، ٻڌايو ته سندن دوري جو مقصد ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي ڪم جو معائنو ڪرڻ آهي. هن ٻڌايو ته، ڪجهه عرصو اڳ پاڪستان جي ٽيڪسٽ بوڪ بورڊن جا چيئرمن وفد جي صورت ۾ ترڪيءَ جي دوري تي آيا هئا.

حيدرآباد ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ترڪ مهمانن جي ميزبانيءَ جا فرائض سرانجام ڏنا. بورڊ پنهنجن معزز مهمانن کي سنڌي اجرڪن جا تحفا ڏنا ۽ سندن اعزاز ۾ هوٽل سائينجيز ۾ هڪ پرتڪلف لنچ ڏني. جنهن ۾ ممتاز تعليمدان ۽ علمي ۽ ادبي ادارن جا نمائندا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي چيئرمن جناب محمد صالح راهو وفد جو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ۽ برصغير جي مسلمانن جي ترڪيءَ ۽ ان جي رهواسين سان محبت ۽ سندن تواريخي لاڳاپن تي موثر نموني ۾ روشني وڌي. انهيءَ کان اڳ وفد جي اڳواڻ جناب حيدرعليءَ پنهنجن ميزبانن جو شڪريو ادا ڪيو. ترڪيءَ بابت ڪن معلوماتي سوالن جا جواب ڏيندي هن ٻڌايو ته ترڪيءَ ۾ سٽر سيڪڙو ماڻهو تعليم يافته آهن. پار ڇهن ورهين جي عمر ۾ اسڪول ۾ وڃي ٿو. جيئن ته سڄي ملڪ ۾ هڪئي ترڪي ٻولي ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي، انڪري سمورا درسي ڪتاب پڻ هڪئي ٻوليءَ ۾ ڇپجن ٿا. هن چيو ته ترڪيءَ جي ترقي ڪرڻ ۽ جديد دؤر جي تقاضائن کي منهن ڏيڻي ترقي يافته قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌڻ جو مکيه راز ان ڳالهه ۾ آهي ته ترڪيءَ ۾ مردن ۽ عورتن کي هڪ جهڙا حق مليل آهن. زالن جي پردي جو پراڻو رواج بلڪل ختم ٿيل آهي. ترڪ مرد ۽ زالون پنهنجي زندگيءَ جي مکيه شعبن ۽ ملڪي تعمير جي ڪمن ۾ گڏوگڏ ڪم ڪري رهيا آهن.

”تمدن ۽ ثقافت جي ترقيءَ جي معنيٰ اها نہ آهي تہ هر شخص کي مرد مت اڳتي آڻي محاذ تي بيهارجي. اها ڳالهہ ائين ٿي ٿيندي تہ هر شخص کي زور مس ڪري رڳو قدم سان قدم ملائي هلڻ لاءِ گهلي آڻي اڳيان بيهارجي. بلڪ ان جي معنيٰ صرف هيءَ آهي تہ هر دؤر ۾ ادب شناس ۽ باذوق ماڻهن جو هڪ منتخب ۽ ڏٺل حلقو موجود هجي، جن کان عام پڙهندڙن جي سڄي جماعت، ذوق ۽ ادب دوستيءَ ۾، هڪ-اڌ نسل جي ويڇي کان زيادہ پٺتي نہ هجي. شعور ۽ ادراڪ جون تبديليون ۽ واڌارا، جيڪي اول کن ٿورن وٽ ظاهر ٿيندا سي، پنهنجي اثر ذريعي، ۽ پڻ ترت مقبول ٿيندڙ مصنفن معرفت، آهستي آهستي زبان تي پنهنجا هلڪا هلڪا نشان ۽ نقش پيدا ڪندا، ۽ جنهن وقت اهي ان تي ڄمي، دائمي جڳهہ والاري ويندا، تڏهن وري هڪ نئين قدم ۽ هڪ نئينءَ پيشقدميءَ جي ضرورت ٿيندي.“ - ٽي. ايس. ايليٽ.

خبر هيءَ ڪري، سون ڏانهن ماروءَ موڪلي،
وسارج م ور ڪي، پئج ماڳ مري،
ورندينءَ ويڙهه وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾.
ـ لطيف



